جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | اربع 28 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 16 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 17

ٻن ٽن مهينن ۾ پيٽرول ڪيتري تيزي سان مهانگو ٿيندو ڪجهه چئي نٿو سگهجي: وفاقي سرڪار

ايندڙ ٻن ٽن مهينن دوران تيل جا اگهه ڪهڙي رفتار سان وڌندا، ان بابت ڪجهه به چئي نٿو سگهجي، اسلام آباد ۾ وزيراعظم جي صلاحڪار سينيٽر رانا ثناءُ الله سان گڏ پريس ڪانفرنس

جماعت اسلامي جي وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي آهي، هن وقت عالمي واپار ۽ معيشت سخت دٻاءَ هيٺ آهن ۽ دنيا جي سيني ملڪن ۾ تيل جا اگهه وڌي رهيا آهن: احسن اقبال

سڄي دنيا هنگامي صورتحال ڪي منهن ڏئي رهي آهي، تنهنڪري ايندڙ ٻن ٽن مهينن دوران اگهن ۾ واڌ جي رفتار بابت اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن ناهي

حڪومت کي ڄاڻ آهي ته تيل جي اگهن ۾ واڌ عام شهرين کي ڪيترو متاثر ڪري ٿي فيلڊ مارشل عاصم منير سفارتي ڪوششون شروع ڪيون آهن

جن جو مقصد خطي ۾ ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ ۽ تيل جا اگهه گهٽائڻ آهي حڪومت ڪا به غيرذميواراڻي وک کڻڻ نٿي چاهي. جماعت اسلامي جي وفد کي حڪومت جي پيش ايندڙ ڏکيائين کان آگاهه ڪيو ويو

وفد پنهنجون تجويزون پڻ پيش ڪيون هڪ گڏيل ڪميٽي جوڙي ويندي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ٽي ٽي ميمبر شامل هوندا. ڪميٽي سمورين تجويزن تي ويچار ڪري انهن کي آخري شڪل ڏيندي

اسلام آباد(بيورو)وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته ايندڙ ٻن ٽن مهينن دوران تيل جا اگهه ڪهڙي رفتار سان وڌندا، ان بابت ڪجهه به چئي نٿو سگهجي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم جي صلاحڪار سينيٽر رانا ثناءُ الله سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي احسن اقبال چيو ته جماعت اسلامي جي وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي آهي. هن چيو ته هن وقت عالمي واپار ۽ معيشت سخت دٻاءَ هيٺ آهن ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

سنڌ ۾ نئين صوبي واري معاملي تي فل اسٽاپ لڳي چڪو آهي: بلاول

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاق سان 28هين آئيني ترميم بابت ڪنهن به قسم جي مشاورت جي ترديد

سنڌ اسيمبلي سنڌ ۾ نئين صوبي جي معاملي تي فل اسٽاپ لڳائي ڇڏيو آهي صوبي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا سامهون اچي چڪو آهي

سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، سنڌ جي قسمت جو فيصلو رڳو سنڌ جا عوام ئي ڪري سگهن ٿا سياستدانن جو ڪم ماڻهن ۾ نفرت ۽ ويڇا پيدا ڪرڻ ناهي

وفاقي ڪابينا ۾ شامل ڪراچي سان تعلق رکندڙ ماڻهن شهر لاءِ هڪ ٽڪي جو به ڪم ناهي ڪيو، وفاقي حڪومت ڪراچي ۾ دلچسپي نٿي وٺي ان جا نمائندا شهر ۾ نفرت پکيڙڻ ۾ مصروف آهن

وفاقي حڪومت کي ڪراچي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيڪڏهن شهر ۾ وفاقي ۽ صوبائي ادارا گڏجي ڪم ڪن ته عوام جي خدمت ڪري سگهجي ٿي حڪومت جو فرض آهي ته عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪري، ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاري عروج تي آهي

سنڌ حڪومت عوام تي معاشي بار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي بجلي جا بل ايترا وڌي ويا آهن، جو عوام لاءِ انهن جي ادائيگي ڏکي ٿي پئي آهي سندس خواهش آهي ته سڄي لياري کي شمسي توانائي تي منتقل ڪري سگهجي

ڪراچي (رپورٽر)پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاق سان 28هين آئيني ترميم بابت ڪنهن به قسم جي مشاورت جي ترديد ڪندي چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي سنڌ ۾ نئين صوبي جي معاملي تي فل اسٽاپ لڳائي ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته صوبي واري معاملي تي پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا سامهون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

سنڌ حڪومت ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي: شرجيل ميمڻ

ڀارت 27 آڪٽوبر 1947ع تي ڪشميرين جا حق لتاڙيا، سندن قربانيون عالمي ضمير کان انصاف جي گهر ڪن ٿيون

سنڌ حڪومت ۽ عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ آهن. ڪشميرين جي جدوجهد ۾ پاڪستان سندن ساٿاري آهي: سينيئر صوبائي وزير

گڏيل قومن ۽ عالمي برادري ڪشمير بابت قراردادن تي عمل ڪرائي، مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪري: بيان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته 27 آڪٽوبر 1947ع ڪشمير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سنڌ جي اطلاعات کاتي جي 32 آفيسرن ۽ ملازمن کي ترقيون ڏيڻ جي منظوري

ڊي پي سي ون ۽ ٽو جي اجلاسن ۾ مختلف گريڊن جي ملازمن کي ايندڙ عهدن تي ترقيون ڏنيون ويون

شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ ۽ ڊي جي يوسف ڪابوروجون ڪاوشون ساراهيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات کاتي، حڪومت سنڌ مختلف ڊائريڪٽوريٽس ۽ ڪيڊرز ۾ خدمتون سرا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

INAUGURATION CEREMONY
HONOURABLE SARDAR MUHAMMAD BUX KHAN MAHAR
MR. MANZOOR AHMED
LT. COL ® SIRAJUDDIN CHANNA
ON DATED MONDAY 26TH OCTOBER 2026
MALIK AFTAB ALI
MR. MUHAMMAD HASSAN

ڪراچي: صوبائي وزير محمد بخش خان مهر افتتاح ڪري رهيو آهي

خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ کان متاثر 12 ضلعن مان طالبان ۽ ٻين هٿيارٻند شدت پسند گروپن کي ڪڍڻ لاءِ تياريون، حڪمت عملي طئي

خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ کان متاثر 12 ضلعن ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ طالبان ۽ ٻين هٿيارٻند شدت پسند گروپن کي علائقن مان ڪڍڻ جون تياريون مڪمل

ڪائونسل جا ميمبر پنهنجن لاڳاپيل ضلعن ۾ قبائلي روايتن موجب ڳالهين جي شروعات ڪندا

ان عمل ۾ جرڳن، مقامي معززن ۽ علائقي جي ماڻهن جو سهڪار حاصل ڪيو ويندو، ته جيئن هٿيارٻند گروپن کي بنا ڪنهن شرط جي علائقا ڇڏڻ لاءِ راضي ڪري سگهجي

پشاور(م ڊ)خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ کان متاثر 12 ضلعن مان طالبان ۽ ٻين هٿيارٻند شدت پسند گروپن کي ڪڍڻ لاءِ تياريون، حڪمت عملي طئي خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ کان متاثر 12 ضلعن ۾ امن قائم ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ايس آءِ ايف سي جي سهڪار سان پورٽ قاسم پرسان ڪراچي انڊسٽريل پارڪ جي قيام جي منظوري

ڪراچي انڊسٽريل پارڪ 6 هزار 409 ايڪڙن تي پکڙيل پاڪستان جو سڀ کان وڏو صنعتي اقتصادي زون هوندو

صنعتي سيڙپڪاريءَ کي وڌيڪ سهولت ڏيڻ لاءِ نجي اقتصادي زونز ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي جي پاليسي به منظور ڪئي وئي آهيان

ڏس ۾ پنجاب جي سرڪاري اسپيشل اقتصادي زونز ۽ صنعتي اسٽيٽس لاءِ نئين زمين ليز پاليسي جي منظوري به ڏني وئي آهي

ڪراچي(رپورٽر)ايس آءِ ايف سي جي سهڪار سان پورٽ قاسم جي ويجهو ڪراچي انڊسٽريل پارڪ جي قائم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي ڪراچي انڊسٽريل پارڪ 6 هزار 409 ايڪڙن تي پکڙيل پاڪستان جو سڀ کان وڏو صنعتي اقتصادي زون هوندوصنعتي سيڙپڪاريءَ کي وڌيڪ سهولت ڏيڻ لاءِ نجي اقتصادي زونز ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي جي پاليسي به منظور ڪئي وئي آهيان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ليويءَ جو بار وچولي طبقي ۽ غريب ماڻهن تي پئجي رهيو آهي: حافظ نعيم

نومبر جي وچ ڌاري اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ڪيو ويندو، مارچ ملتوي نه ڪنداسين: جماعت اسلامي امير

حڪومت سان ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو آهي ته پيٽروليم شين تي عوام لاءِ رليف وڌايو ويندو

جيڪڏهن سندس جماعت احتجاج نه ڪري ها ته حڪومت پيٽرول تي رليف نه ڏئي ها: پريس ڪانفرنس

جيڪڏهن ڪو جهاز اغوا ڪري وٺي ته پوءِ به ڳالهه ان ئي شخص سان ڪرڻي پوندي آهي، جنهن جهاز تي قبضو ڪيو هجي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان اعلان ڪيو آهي ته نومبر جي وچ ڌاري اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ڪيو ويندو، مارچ ملتوي نه ڪنداسين. حڪومت مارچ کان اڳ پيٽروليم شين ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم نوجوانن کي نقد انعام تقسيم ڪري رهيو آهي

روسي گئس کي عالمي مارڪيٽ مان ڪڍڻ جا سنگين نتيجا نڪرندا: پيوٽن

روس قابل اعتماد گئس فراهم ڪندڙ ملڪ آهي، پابنديون ۽ صنعت محدود ڪرڻ سان خرچ وڌندا: روسي صدر

جي اي سي ايف ملڪن وٽ عالمي گئس جا 70 سيڪڙو ذخيرا، برآمدات ۾ 40 سيڪڙو حصو آهي

ماسڪو (م ڊ) روسي صدر ولاديمير پيوٽن خبردار ڪيو آهي ته روس کي عالمي گئس مارڪيٽ مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش جا سنگي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سياسي انتقامي ڪارروايون عروج تي پهچي ويون: بيرسٽر گوهر

سياسي مسئلن جي حل لاءِ حڪومت سان جلد تعميري ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، تحريڪ انصاف چيئرمين

سياسي مخالف ايمرجنسي جي آڙ ۾ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن، ملڪ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ تي ڳڻتي جوڳي آهي

پي ٽي آءِ باني کي خاندان سان ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ غيرانساني ورتاءُ آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر ملڪ ۾ وڌندڙ سياسي ڇڪتاڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته سياسي انتقامي ڪارروايون عروج تي پهچي ويون آهن. جڏهن ته سياسي مخالف ايمرجنسي جي آڙ ۾ فائدو حاصل ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

شهر ۾ لاپتا ماڻهن جا ڪيس ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن، رمارڪس

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ جي مختلف علائقن مان لاپتا ٿيل ان شهرين جي بازي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊفينس فيز ٽو ۾ واقع چنڪي منڪي پارڪ سيل ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊفينس فيز ٽو ۾ واقع چنڪي منڪي پارڪ سيل ڪرڻ خلاف در/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

موچڪو ۾ بين الصوبائي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ خلاف ڪارروائي، ٻن عورتن سميت چار ڄڻا گرفتار

ڪراچي(رپورٽر) موچڪو ۾ بين الصوبائي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ خلاف ڪارروائي، ٻن ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسپينر آئي اسپتال جو افتتاح ڪندي

ڪشمير جو منصفاڻو حل ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن لاءِ اٽر آهي: يوسف رضا گيلاني

عالمي برادري والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو نوٽيس وٺي

اسلام آباد(بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته ڪشمير جو منصفاڻو حل ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن لاءِ اٽر آهي. عال/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پاڪستان ڪشميري عوام جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو: صدر مملڪت

صدر آصف علي زرداريءَ جو ڪشمير ڪاري ڏينهن تي عالمي برادري ۽ گڏيل قومن کان ڀارتي قبضي هيٺ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺڻ ۽ تڪرار جي منصفاڻي، پرامن ۽ پائيدار حل لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو مطالبو

27 آڪٽوبر 1947ع ڪشمير جي تاريخ جو افسوسناڪ ڏينهن آهي، جڏهن ڀارتي فوج سرينگر ۾ لٿي ۽ ڪشميري عوام جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي حق لاءِ ڊگهي جدوجهد جي شروعات ٿي: صدر آصف علي زرداري

گذريل اٺن ڏهاڪن کان ڪشميري عوام ڀارتي ڏاڍ، تشدد، پابندين ۽ بنيادي حقن جي سنگين خلاف ورزين کي منهن ڏئي رهيو آهي، انصاف، وقار ۽ آزاديءَ لاءِ ڪشميرين جون قربانيون سندن عزم ۽ حوصلي جو ثبوت آهن

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري عالمي برادري خاص طور تي گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن جي تنظيمن تي زور ڀريو آهي ته اهي ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺن ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي، پرامن ۽ پائيدار حل جي لاءِ پنهنجو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

ڪراچي: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني واپاري ۽ غير ملڪي سفاتڪارن جي اجلاس ۾ ويٺل آهي

جام اڪرام ڏاريجو جي فرحت بشير سان صنعتي ترقي بابت ملاقات

صنعتي نمائش منعقد ڪرڻ جي تجويز تي غور، صوبائي وزير پاران مڪمل سهڪار جي خاطري

جام اڪرام ڏاريجو پاران صنعتي شعبي کي مستحڪم بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي قدمن کان فرحت بشير کي آگاهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي ٽيڪ مشينري جي فرحت بشير سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ صنعت ۽ واپاري واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڏاريجو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پيٽرول مهانگو ٿيڻ سان عام واهپي جون شيون به مهانگيون، عوام پريشان

لاهور ۾ بصر 250، ٽماٽا 150 ۽ مٽر 500 رپيا ڪلو وڪرو، سرڪاري اگهن تي عمل نه ٿيو

ڀاڄين، فروٽ، گوشت ۽ ايل پي جي جي اگهن ۾ واڌ، ضلعي انتظاميه قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام

لاهور (م ڊ) سموري ملڪ ۾ پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن سبب ڀاڄيون، فروٽ، گوشت، ايل پي جي ۽ اٽي سميت ڪيترين ئي عام واهپي جون شيون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي ۾ تقريب: ڪشمير جي آزاديءَ تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ڪشمير جي آزادي هر پاڪستانيءَ جي ذميواري آهي، عالمي برادري ظلمن جو نوٽيس وٺي: پيپلز پارٽي اڳواڻ

پاڪ ڀارت جنگ ڪانپوءِ ڪشمير مسئلي جي جلد حل ٿيڻ جون اميدون وڌي ويون آهن: سعيد غني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محنت ۽ افرادي قوت واري وزير سعيد غني ۽ گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ چيو آهي ته ڪش/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

چونڊن ۾ فراڊ ثابت ڪرائيندڙ کي 10 لک ڊالر انعام ڏيندس: ڊونلڊ ٽرمپ

اطلاع ڏيندڙ جي ڄاڻ تي ڏوهاري کي سزا اچڻ شرط انعام ڏنو ويندو، آمريڪي وچ مدي وارين چونڊن کان اڳ اعلان

اسرائيلي عوام نيتن ياهو کي ووٽ ڏئي، گڏجي شروع ڪيل ڪم مڪمل ڪرڻو آهي: آمريڪي صدر

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته گذريل چونڊن يا وچ مدي وارين چونڊن ۾ ووٽرن سان فراڊ بابت اطلاع ڏيندڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

پشاور: پي ٽي آءِ ۾ وڏي وزير جي چونڊ تي اختلاف، گنڊاپور لاءِ لابنگ

پي ٽي آءِ جا 30 کان وڌيڪ ميمبر علي امين گنڊاپور کي ٻيهر وڏو وزير بڻائڻ لاءِ سرگرم

پارٽي اڳواڻن جي بونير يا هزارا سان تعلق رکندڙ ميمبر کي وڏو وزير بڻائڻ جي خواهش، باني سان مشاورت ضروري

پشاور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ خيبرپختونخوا جي نئين وڏي وزير جي چونڊ لاءِ مختلف گروپ سرگرم ٿي ويا، هڪ گروپ علي امين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: نيشنل هاءِ وي اينڊ موٽروي پوليس پاران يوم سياهه ڪشمير ملهايو پيو وڃي

لنڊن: يوڪي پاڪستان هائي ڪمشنر تقريب کي خطاب ڪندي

تهران اجلاس ۾ اڳڀرائي ٿي آهي جنگ ختم ٿيڻ جا امڪان آهن: خواجه آصف

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته تهران ۾ ٿيل چار ملڪي اجلاس جو وڏو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

200 يونٽن جي حد وڌائي 250 ڪرڻ تي غور هيٺ آهي: اويس لغاري

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير پاور ڊويزن اويس لغاري چيو آهي ته 200 يونٽن کان هڪ يونٽ وڌيڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

جي ايس ايم يو ۾ ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهايو ويو، ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو ورجاءُ

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (جي ايس ايم يو) ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي حقِ خوداراديت کي مرڪزي اهميت

شاگردن جي معاملن واري شعبي پاران ڪشمير سان يڪجهتيءَ جو پروگرام ۽ ڊجيٽل پوسٽر مقابلو منعقد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر)جي ايس ايم يو ۾ ڪشمير جو ڪارو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ڪشميري عوام جي خوداراديت واري حق لاءِ پاڪستان جي حمايت جاري رهندي: احسن اقبال

ڪشميري عوام ڏهاڪن کان تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو حل ڪشميري عوام جي خواهشن ۽ جذبن جي احترام سان ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (بيورو) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال ڪشمير جي ڪاري ڏهاڙي جي موقعي تي پارت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

محسن نقوي جو ڪشمير چوڪ اندر پاس جي تعميراتي ڪم جو معائنو

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي اڱاري ڏينهن صبح جو ڪشمير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ حڪومت گلگت بلتستان ۾ صحت، روينيو ۽ گهرن جي تعمير لاءِ سهڪار ڪندي: مراد علي شاهه

دل جي اسپتال کي جديد بڻائڻ ۽ علاج جون سهولتون بهتر ڪرڻ لاءِ اين آءِ سي وي ڊي کي فني سهڪار جي هدايت ڪئي آهي

گلگت بلتستان ۾ روينيو نظام مضبوط ڪرڻ ۽ انتظامي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ روينيو بورڊ کي مڪمل مدد فراهم ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان گلگت بلتستان جو وڏو وزير ملاقات ڪندي

صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان پاران مٽياري ۾ غير فعال آر او پلانٽ بحال ڪرڻ جو حڪم

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري کي باضابطه خط لکي ستن ڏينهن اندر تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي وئي

صوبائي وزير جي مٽياري جي تازي دوري دوران مختلف عوامي مسئلن تي غور ڪيو ويو، جن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي خاص اهميت ڏني وئي

مخدوم محبوب الزمان ضلعي ۾ لڳل آر او پلانٽن جي اڪثريت غير فعال هجڻ جي اطلاعن تي سخت ڳڻتي ظاهر

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي خوراڪ واري صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان مٽياري ضلعي ۾ پيئڻ جي صاف ۽ محفوظ پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي غير فعال آر او پلانٽن جي بحالي ۽ نئين واٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

چين پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور پاڪ چين دوستي کي نئين نسلن تائين منتقل ڪندو: عطاءُ الله تارڙ

سي پيڪ جو ايندڙ مرحلو ٻنهي ملڪن جي ذهنن کي ڳنڍيندو، واپار، سيڙپڪاري ۽ ڊجيٽل معيشت کي هٿي ملندي: وفاقي وزير

انفارميشن ڪوريڊور جا چار ٿنڀ ميڊيا، واپار، ٿنڪ ٽينڪس ۽ ثقافت، سياحت ۽ نوجوانن تي ٻڌل آهن. گڏيل تحقيق کي به هٿي ملندي

ڊجيٽل دور ۾ رابطا طاقت ۽ بيانيو خودمختياري آهي، نوجوانن جي هٿن ۾ ليپ ٽاپ پاسپورٽ ۽ سمارٽ فون عالمي معيشت ۾ ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته چين پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور پاڪ چين دوستي کي نئين نسلن تائين منتقل ڪرڻ، ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ گڏيل اعتماد ۽ هم آهنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

عورتن کي معاشي طور بااختيار بڻائڻ، رڳو برابريءَ جو معاملو نه، پر پائيدار معاشي ترقيءَ لاءِ پڻ ضروري آهي: سعيد غني

عورتن جي معاشي ڪردار کي تسليم ڪرڻ سان گڏ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي

زرعي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن سميت سمورن پورهيتن جي حقن جي تحفظ کي اهميت ڏئي ٿي

جيئن عورتون نه رڳو پنهنجي خاندانن جي معاشي حالت بهتر بڻائي سگهن، پر سنڌ ۽ ملڪ جي پائيدار معاشي ترقيءَ ۾ پڻ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن

جيئن عورتون نه رڳو پنهنجي خاندانن جي معاشي حالت بهتر بڻائي سگهن، پر سنڌ ۽ ملڪ جي پائيدار معاشي ترقيءَ ۾ پڻ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته عورتن کي معاشي طور بااختيار بڻائڻ رڳو برابريءَ جو معاملو نه، پر پائيدار معاشي ترقيءَ لاءِ پڻ ضروري آهي. عورتن جي معاشي ڪردار کي تسلي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني، ذوالفقار شاهه، نجمي عالم، شام سندر آڏواڻي ۽ گلگت بلتستان جو وڏو وزير ڪشمير بابت تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستاني ڪشمير جي جنت نظير وادي تان ڪنهن به صورت ۾ دستبردار نه ٿيندا: پروفيسر نازلي حسين

ڪراچي (رپورٽر) ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز جي اهتمام هيٺ ٻنهي ڪيمپسز ۾ ڪشمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ جي مختلف علائقن مان گم ٿيل 8 شهرين جي بازيابيءَ بابت درخواستن جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ جي مختلف علائقن مان لاپتا ٿيل ان شهرين جي بازيابيءَ بابت درخواستن جي ٻڌڻي دوران لاپتا ما/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سهيل آفريدي جي آزادي لاءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ آواز ڇو نٿا اٿارين؟: راجا ناصر عباس

سهيل آفريدي گم آهي، پارٽي اڳواڻ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائين، خاموش ڇو ويٺا آهن؟

خيبرپختونخوا حڪومت ڪيرائڻ تي پارٽي جا ڳالهائڻ وارا اڳواڻ ڪٿي آهن، آواز اٿارين

اسلام آباد (بيورو) راجا ناصر عباس تحريڪ انصاف جي ميمبرن تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته سهيل آفريدي جي آزادي لاءِ اهي ماڻهو آواز ڇو نٿا اٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

31 آڪٽوبر ريٽرن جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي، جنهن ڪانپوءِ 1 نومبر کان دير ڪندڙن تي ڏنڊ لڳايو ويندو: انڪم ٽيڪس

ڪراچي (رپورٽر) انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع نه ڪرائيندڙن کي خبردار ڪندي چيو آهي ته 31 آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ايم ڊي ڪيٽ نتيجن ۾ ڪراچي جي اميدوارن جي خراب ڪارڪردگي جا دعويٰ رد، سنڌ حڪومت جو پي ايم ڊي سي کي جواب

پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل (پي ايم ڊي سي) کي تفصيلي جواب موڪلي ڇڏيو آهي

ايم ڊي ڪيٽ جا نتيجا ڪراچي جي اميدوارن جي خراب ڪارڪردگيءَ جي تصديق نٿا ڪن، بلڪه انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو

ڪراچي ڊويزن جي 9,505 اميدوارن مان 66.98 سيڪڙو 90 يا ان کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪيا

ڪراچي(رپورٽر)ايم ڊي ڪيٽ نتيجن ۾ ڪراچي جي اميدوارن جي خراب ڪارڪردگي جا دعويٰ رد. سنڌ حڪومت جو پي ايم ڊي سي کي جوابسنڌ حڪومت ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن بابت ڪراچي جي اميدوارن جي خراب ڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 28 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 16 جمادي الاول 1448ھ

خطي ۾ امن لاءِ سفارتڪاري

وچ اوڀر هن وقت اهڙي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي، جتي هڪ طرف جنگ، ڇڪتاڻ ۽ هڪ ٻئي خلاف فوجي ڪارروائين جا خطرا موجود آهن، ته ٻئي طرف علائقائي ملڪن وچ ۾ ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ ذريعي امن قائم ڪرڻ جون ڪوششون پڻ جاري آهن. ايران ۾ مکي دفاعي معاهدي سان لاڳاپيل اعليٰ عملدارن جي ملاقات ۽ پاڪستان جي بچاءَ واري وزير خواجه آصف جا بيان ان حوالي سان خاص اهميت رکن ٿا. تهران ۾ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي نمائندن جي ايراني قيادت سان ملاقات ۽ خطي ۾ امن ۽ سلامتيءَ لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ان ڳالهه جو اشارو آهي ته علائقائي مسئلن جو حل رڳو طاقت جي استعمال ۾ نه، پر ڳالهين، گڏيل اعتماد ۽ ذميوار سفارتڪاريءَ ۾ به ڳولڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهي رابطا سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌن ٿا ته جنگ جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ خطي ۾ استحڪام پيدا ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

ايراني عملدارن موجب، ملاقات ۾ چئني ملڪن تعاون کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو. ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان پڻ مسلمان ملڪن تي زور ڏنو ته اهي اسرائيلي جارحيت ۽ وچ اوڀر کي ورهائڻ وارين ڪوششن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ ۾ سهڪار وڌائين. هن غزه، لبنان، ايران ۽ خطي جي ٻين حصن تي اسرائيلي حملن جي مذمت ڪندي مسلمان ملڪن ۾ اتحاد، سلامتي ۽ ترقيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو. اهي بيان اهڙي وقت سامهون آيا آهن، جڏهن وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب نه رڳو متاثر ملڪن جي سلامتي خطري ۾ آهي، پر عالمي معيشت، واپار، توانائيءَ جي فراهمي ۽ عام ماڻهن جي زندگي پڻ متاثر ٿي رهي آهي. جنگ جو دائرو وڌڻ جي صورت ۾ ان جا اثر ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نه رهندا، تنهنڪري علائقائي ملڪن لاءِ ضروري آهي ته اختلافن باوجود ڳالهين جا دروازا کليل رکن.

پاڪستان جي بچاءَ واري وزير خواجه آصف موجب، تهران ۾ ٿيل چئن ملڪن جي اجلاس جو اهم مقصد سعودي عرب جي صورتحال تي غور ڪرڻ هو. هن چيو ته دفاعي معاهدي تحت پاڪستان سعودي عرب جي دفاع جي حوالي سان به ذميواري رکي ٿو. سعودي عرب سان پاڪستان جا مذهبي، تاريخي، معاشي ۽ دفاعي لاڳاپا آهن، تنهنڪري سعودي عرب جي سلامتي پاڪستان لاءِ اهميت رکي ٿي. ٻنهي مقدس مسجدن جي تحفظ جو معاملو مسلمانن لاءِ غيرمعمولي حساسيت رکي ٿو، جيڪڏهن انهن مقدس هنڌن کي ڪنهن به قسم جو خطرو پيدا ٿئي ٿو ته ان سان سڄي مسلم دنيا ۾ ڳڻتي وڌڻ فطري آهي. بهرحال، اهڙي حساس صورتحال ۾ ڪنهن به حملي يا ذميواريءَ بابت موقف اختيار ڪندي تصديق ٿيل حقيقتن ۽ ذميوار سفارتڪاريءَ کي اوليت ڏيڻ ضروري آهي، جيئن ڇڪتاڻ وڌيڪ نه وڌي ۽ ڪنهن به غلط فهميءَ کي جنگ جو سبب بڻجڻ کان روڪي سگهجي.

خواجه آصف جو اهو چوڻ پڻ اهم آهي ته خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جون ڪوششون اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ وزيراعظم توڙي فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ ملڪ عالمي امن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي جاگرافيائي حيثيت، سعودي عرب سان لاڳاپا، ايران سان پاڙيسريءَ جا رشتا ۽ عالمي سطح تي سفارتي اهميت اهڙا عنصر آهن، جيڪي ملڪ کي امن جي ڪوششن ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ڏين ٿا. پاڪستان لاءِ اصل چئلينج اهو آهي ته هو پنهنجي دفاعي ذميوارين ۽ دوست ملڪن سان لاڳاپن کي برقرار رکندي، ايران سميت خطي جي ٻين ملڪن سان به رابطن کي مضبوط ڪري. ڪنهن هڪ ڌر سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ ٻي ڌر سان دشمني وڌائڻ بدران توازن، اعتماد ۽ ڳالهين جي پاليسي اختيار ڪرڻ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي.

تهران واري ملاقات ۾ آمريڪا سان لاڳاپيل مسئلن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. خواجه آصف موجب، ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان ۽ پرڏيهي وزير عباس عراقچي امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ اميد آهي ته انهن ڳالهين مان جنگ جي خاتمي لاءِ ڪي مثبت نتيجا نڪري سگهن ٿا. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ جو خاتمو نه رڳو ٻنهي ملڪن لاءِ پر سڄي خطي لاءِ ضروري آهي. جنگ جي نتيجي ۾ انساني جانيون ضايع ٿين ٿيون، بنيادي ڍانچو تباهه ٿئي ٿو، معيشتون ڪمزور ٿين ٿيون ۽ لکين ماڻهو بي گهر ٿيڻ جي خطري کي منهن ڏين ٿا. ان کانسواءِ تيل ۽ گئس جي عالمي رسد متاثر ٿيڻ سان پاڪستان جهڙن ملڪن تي به مهانگائي ۽ معاشي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. ان ڪري جنگ جي خاتمي لاءِ هر سنجيده سفارتي ڪوشش جي حمايت ٿيڻ گهرجي.

ايران جي ايٽمي پروگرام بابت صدر پيزشڪيان جو موقف پڻ ڳالهين جي اهم موضوعن مان هڪ آهي. هن چيو ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، پر ايٽمي عدم پکيڙ واري معاهدي تحت پرامن ايٽمي سرگرميون جاري رکڻ کي پنهنجو حق سمجهي ٿو. اهڙي مسئلي جو حل ڌمڪين ۽ فوجي حملن بدران شفاف ڳالهين، عالمي قانونن جي پابندي ۽ گڏيل ضمانتن ذريعي ڳولڻ گهرجي. ساڳئي وقت ايران سميت سيني لاڳاپيل ملڪن لاءِ ضروري آهي ته اهي اهڙا قدم کڻن، جن سان علائقائي ۽ عالمي سطح تي اعتماد بحال ٿئي ۽ ايٽمي هٿيارن جي پکيڙ بابت خدشا گهٽ ٿين.

خواجه آصف جو اهو خيال پڻ ڌيان طلب آهي ته جنگيون سياسي مقصدن لاءِ نه وڙهڻ گهرجن. آمريڪا ۽ اسرائيل سميت مختلف ملڪن ۾ چونڊن ۽ سياسي مفادن جا پنهنجا اثر ٿي سگهن ٿا. پر جنگ جا نتيجا عام ماڻهو ڀوڳين ٿا. سياسي فائدي، اقتدار جي مقابلي يا عوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ جنگي ماحول کي وڌائڻ انتهائي خطرناڪ رويو آهي. اڳواڻن جي اصل ذميواري عوام جي جان، امن ۽ معاشي مستقبل جو تحفظ ڪرڻ آهي، نه ڪي اهڙا فيصلا ڪرڻ، جن جا اثر ايندڙ ڪيترن ئي نسلن تائين محسوس ٿين.

مکي دفاعي معاهدي سان لاڳاپيل ملڪن ۽ ايران وچ ۾ ٿيندڙ رابطا ان اميد کي هٿي ڏين ٿا ته علائقائي اختلافن کي ڳالهين ذريعي گهٽائي سگهجي ٿو. پر رڳو ملاقاتون ۽ بيان ڪافي نه آهن؛ انهن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. سيني ڌرين کي حملن ۽ جوابي حملن جي سلسلي کي روڪڻ، عام شهرين ۽ مقدس هنڌن جي تحفظ، انساني امداد جي فراهمي ۽ جنگ بنديءَ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻ گهرجن. پاڪستان کي پڻ پنهنجي سفارتي اثر کي استعمال ڪندي سعودي عرب ۽ ايران سميت سيني لاڳاپيل ڌرين وچ ۾ رابطن کي وڌائڻ گهرجي. خطي جو مستقبل جنگي محاذن جي وسعت ۾ نه، پر گڏيل سهڪار، امن، معاشي ترقي ۽ انساني جانين جي تحفظ ۾ آهي. جيڪڏهن علائقائي ملڪ گڏجي ذميواريءَ جو مظاهرو ڪن ته وچ اوڀر کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچائڻ ۽ پائيدار امن ڏانهن وڌڻ جو رستو کلي سگهي ٿو.

سيد شفقت حسين شاه شيرازي : لاڙ پٽ جو چيف سياستدان

تحرير : نديم ميمڻ

سيد شفقت شاهه شيرازي جي سياسي حيثيت جو سندس دشمن به انڪار نه ڪندو ته هو لاڙ پٽي جو انتهائي ذهين، زيرڪ، مدبر ۽ پراڻو سياستدان آهي. سجاول ۽ ٺٽي جي سياست جو احوال سيد شفقت شاهه شيرازي کان سواءِ مڪمل نه ٿو ٿي سگهي. ڏهاڪن کان ٻنهي ضلعن جي سياسي ميدان ۾ پنهنجو اثر رسوخ برقرار رکندڙ شيرازي گروپ جو سرواڻ، سيد شفقت شاهه شيرازي، پنهنجي سياسي سفر، عوام سان ويجهن لاڳاپن ۽ سماجي سرگرمين سبب هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. سردي هجي يا گرمي، ٻوڏون هجن يا برساتون، شادي هجي يا جنازو، هو سدائين عوام جي ڏکن سکن ۾ شامل هوندو آهي. ماڻهو ڪيس پيار مان "سائين وڏو" ڪوٺيندا آهن جڏهن ته سندس خاندان جي ننڍي چاٽ ڪيس "واوا" ڪري سڏين، سنڌ جي اڪثر سياسي خاندانن ۾ هن وقت وڏا ڏار پڇجي چڪا آهن جو ون وڻ ڪاٽي ٿيندا وڃن، پوءِ چاهي اهي تر جا ارباب هجن يا گهوٽڪي جا مهر هجن يا ڪٽي مٽياري جا مخدوم هجن. پر ٺٽي سجاول جي شيرازي اڄ به منظم، متحد، مستحڪم، مضبوط، منفرد، ممتاز سياسي حيثيت رکن ٿا ته ان جو سمورو ڪريڊٽ سيد شفقت شاهه شيرازي ڏانهن وڃي ٿو. پاڻ پنهنجي وڏن جو جيترو ادب ڪندو هو اهڙو ئي سندس ننڍا سندس عزت ڪن ٿا، اهو ئي سندس ڪامياب سياست جو راز آهي، مخالفن ڪيئن وس هلايا پر شيرازين ۾ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ ۾ هميشه ناڪام رهيا، سندس سياست کي سمجهڻ ڪڏهن به آسان نه رهيو آهي. هن سدائين چونڊن ۾ حيران ڪندڙ نتيجا ڏنا آهن. انهي ڏينهن اسان جي وفد ۾ شامل دوست حافظ سعدالله، رياض، خالد طاهراڻي، شوڪت هالو ۽ آئون نيشنل پريس ڪلب طرفان "اڄ جي شخصيت" جي عنوان سان هلندڙ لڪٽين جي سلسلي ۾ ڪائنس انٽرويو ڪرڻ لاءِ سندس سياسي هيڊ ڪوارٽر سيد پور پهتاسين ته چا ڏسون متس ايئن ماڻهن جو ميڙ متل هو جيئن ماکيءَ تي مکن جوڇٽ پون پون ڪري رهيو هجي، جڻ ڪو ميلو متل هجي. تاڪ منجهند هئي لڳ ڀڳ هڪ ٿيو هو، سخت گرميءَ ۾ به هو ماڻهن جي وچ ۾ پيرن پر ويٺو هو ڪو سندس ٻانهن کان وٺي هڪ پاسي ڇڪي رهيو هو ته ڪو وري قميص مان پڪڙي ڪيس متوجه ڪري رهيو هو هر ڪنهن جي ڪوشش هئي ته سائين پهرين سندس ڳالهه ٻڌي ۽ مسئلو حل ڪري، تازو پاڻ بيماري مان ٻ اٿي آيو هو، ڪورونا وارن ڏينهن ۾ هر ماڻهو جو ساهه مٺ ۾ هو پر شيرازي انهن ڏينهن به ماڻهن جي وچ ۾ هئا، ڪورونا ۾ سڀ ونجي ويا هئا، سندن سربراهه سائين اعجاز شاهه ڪورونا ۾ وڪوڙجي نيٺ زندگي جي جنگ هارائي ويئو. پر ايترين آزمائشن ۽ قربانين باوجود جو عوام سان دلي لڳاءَ رکن ٿا، بهرحال اسان به نيٺ همت ڪري هجوم کي هٽائيندي جيئن تيئن ئي شڪل ڏيکاريسين ته

اسان کي ڏسندي ئي هن پنهنجي سيڪريٽري عبدالرزاق کي چيو ته بابا صحافين کي اندر ڪمري ۾ ويهاريو. ٻاهر ماڻهن جي رش سبب ڪيس ڪمري تائين پهچڻ ۾ لڳ ڀڳ به ڪلاڪ لڳي ويا. خير اندر اچي خيرعافيت ڪيائين ۽ اچڻ جو مقصد پڇيائين. جڏهن ڪيس انٽرويو بابت ٻڌايوسين ته نهايت عاجزيءَ سان چيائين. "بابا، آئون ڪو وڏو ماڻهو ته ناهيان." پوءِ به سندس اهو جملو ٻڌي اسان ڪٺي گفتگو جي شروعات ڪئي سين.

سيد شفقت شاهه شيرازي جو جنم 1956ع ۾ ٺٽي ۾ ٿيو تعليم سيدپور، سجاول ۽ ٺٽي ۾ حاصل ڪيائين ۽ انٽر تائين پڙهيو. رسمي تعليم جي لحاظ کان سندس تعليمي سفر محدود رهيو، پر سياسي ميدان ۾ ڏهاڪن جي موجودگيءَ ڪيس سجاول ۽ ٺٽي جي اهم سياسي شخصيتن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. سياسي ميدان ۾ پنهنجن مخالفن جون هميشه ننڊون حرام ڪري رکيائين آهي، ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته لاڙ پٽي جي سياست ۾ شايد ڪو سياسي هائوس ڪائنس بالواسطه يا بلا واسطه سياست نه سکيو هجي، هو اپوزيشن ۾ رهن خوب ڄاڻي ٿو ته حڪومت ۾ سياست جا گر به ڄاڻي ٿو. سياست سان سندس خاندان جو تعلق پراڻو آهي. سندس چاچو علي اصغر شاهه ايم ايل اي رهيو. جڏهن ته والد قادر ڏنو شاهه شيرازي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو جو چيئرمين رهيو. خاندان جي انهيءَ سياسي پسمنظر ۾ سيد شفقت شاهه به عملي سياست ۾ قدم رکيو ۽ 1987ع ۾ سينيٽر چونڊيو ويو. 1990ع ۾ چيئرمين ضلعو ڪائونسل ٺٽو بڻيو. جڏهن ته 1993ع ۽ 1997ع جي عام چونڊن ۾ آزاد اميدوار طور ڪاميابي حاصل ڪري قومي اسيمبليءَ جو ٻه ڀيرا ميمبر چونڊيو ويو.

سندس سياسي سفر ۾ هڪ ڀيرو سينيٽر، ٻه ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ ٽي ڀيرا ضلع ڪائونسل ٺٽو جو سربراهه رهيو، ٻ ڀيرا ضلعي ناظم ۽ هڪ دفعو چيئرمين طور ساڳي عهدي تي رهيو. 2001ع ۽ 2006ع جي مڪاني چونڊن ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ هو ضلعي ناظم ٺٽو چونڊيو ويو ان وقت سجاول ۽ ٺٽو هڪ ئي ضلعي جو حصو هئا.

سيد شفقت شاهه جي نظر ۾ سندس سياسي زندگيءَ جو سڀ کان بهتر دور ضلعي ناظمي وارو رهيو، اهو ئي وقت هو، جڏهن ترقياتي ڪمن ذريعي ڪيترن ئي علائقن ۾ بنيادي سهولتون پهچائڻ لاءِ قدم کنيا ويا. سندس خيال ۾ موجوده دور ۾ ترقياتي فنڊ ورهائڻ جي وڃڻ سبب ڪم محدود ٿي ويا آهن. جڏهن ته ماڻهن جا بنيادي مسئلا اڃا تائين حل طلب آهن.

پاڻ روزگار، پاڻي ۽ منشيات کي وڏا مسئلا سمجهي ٿو. سجاول ۽ ٺٽي جي موجوده صورتحال تي نظر وجهجي ته روزگار جي کوٽ، پاڻيءَ جي اڻهوند ۽ منشيات جو وڌندڙ استعمال اهم مسئلن طور سامهون اچن ٿا. هو انهن ٽنهي مسئلن کي ٻنهي ضلعن لاءِ وڏو چئلينج سمجهي ٿو.

زراعت هن خطي جي معيشت جو بنيادي حصو آهي، پر پاڻيءَ جي کوٽ سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي. مئي ۽ جون ۾ فصلن لاءِ گهربل پاڻي نه ملڻ ڪري ٻنهي ضلعن جي زرخيز ۽ آباد زرعي زمينن جو لڳ ڀڳ چوٿون حصو غيرآباد رهجي وڃڻ جو ذڪر ڪندي پاڻ انهي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪيائين، سو به هن سال پاڻي پهتو به دير سان ۽ ويو به جلدي ۽ انهي ۾ به وارا بندي ڪئي وئي، چو ته هونئن معمول مطابق جون ۾ پاڻي اچي ويندو آهي پر هن سال 15 جولاءِ کان پوءِ هاڻي ڏنو ويو ۽ وري هاڻ آڪٽوبر ۾ ئي بند ڪيو ويو آهي. جيڪي فصل پوکيل آهن، سي به پاڻيءَ جي وارا بندي سبب سڪي رهيا آهن. روزگار جا موقعا اڳ ئي محدود آهن. اهڙي صورتحال ۾ زراعت کي نقصان پهچڻ سان هاري، آبادگار ۽ پورهيت وڌيڪ ڏکيائين ۾ اچي وڃن ٿا. ان پسمنظر ۾ سيد شفقت شاهه جي راءِ آهي ته روڊن ۽ رستن سميت ترقياتي ڪمن کان اڳ ماڻهن جي روزگار کي اوليت ملڻ گهرجي، جيئن عام ماڻهو بي ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان نه هجي.

منشيات جو مسئلو به هن خطي جي سماجي زندگيءَ کي متاثر ڪري رهيو آهي. ماڻو گٽڪي جي استعمال، خوراڪ جي کوٽ ۽ غربت بابت ڳالهائيندي هن علائقي جي ماڻهن جي صحت تي ڳڻتي ظاهر ڪئي. هن ٻڌايو ته تازو صحت کاتي جي هڪ ٽيم طرفان سروي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سجاول ۽ ٺٽو جي 70 فيصد ماڻهن جي جسم ڪينسر جي بيماري جو وائرس پڪڙجي ويو آهي جيڪو ڪنهن به وقت ڪينسر جو سبب بڻجي سگهي ٿو. سندس خيال ۾ انهن مسئلن سبب ماڻهن جي قوت مدافعت متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڪينسر جهڙين بيمارين بابت به وڌيڪ سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي. صحت جي سهولتن جي کوٽ صورتحال کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ٿي. سرڪاري اسپتالن ۾ گهربل طبي سهولتون نه هجڻ سبب عام ماڻهن کي علاج لاءِ پريشان ٿيڻو پوي ٿو. غربت، روزگار جي کوٽ ۽ صحت جي ناقص سهولتن جو گڏيل اثر ماڻهن جي زندگيءَ تي پئجي رهيو آهي. سجاول ۽ ٺٽي جهڙن ضلعن ۾ انهن مسئلن جو حل رڳو ترقياتي منصوبن سان نه، پر روزگار، صحت ۽ بنيادي ضرورتن کي ترجيح ڏيڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

پارٽيون بدلجن ٿيون، پر ووٽرن جي وفاداري برقرار:

سيد شفقت شاهه شيرازي جي سياست جو هڪ دلچسپ پاسو سندس ووٽرن جي وفاداري آهي. هن پنهنجي سياسي سفر ۾ گهڻيون چونڊون آزاد اميدوار طور وڙهيون ۽ ڪاميابيون حاصل ڪيون. ان کان پوءِ مختلف وقتن تي پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) ۽ مسلم ليگ (ق) ۾ شموليت اختيار ڪيائين. جڏهن ته هن وقت پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي.

پارٽيون تبديل ڪرڻ بابت سندس موقف کي سمجهڻ لاءِ سندس سياسي حڪمت عمليءَ کي ڏسڻو پوندو. جنهن بابت سيد شفقت شاهه شيرازي جي سوچ واضح آهي ته اسان کي پنهنجي ووٽرن جي ڪم ڪار ۽ علائقي جي لاءِ ترقياتي اسڪيمون حاصل ڪرڻ لاءِ اقتداري در جي ضرورت هوندي آهي انهيءَ لاءِ اسان پنهنجي ووٽرن ۽ علائقي جي مفاد ۾ رهي ڪري فيصلو ڪندا آهيون. پارٽيون بدلائڻ باوجود سندس ووٽرن جي وفاداريءَ شيرازين سان ئي رهي ٿي هن وقت پاڻ پيپلزپارٽي سان لاڳاپيل آهن. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته شيرازي ووٽرن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي روايتي جيالن جي سياسي سوچ ۾ ڪيترن ئي معاملن تي فرق نظر اچي ٿو، پر ان هوندي به شيرازي ووٽرن جي وفاداريءَ تي پارٽيءَ جي تبديليءَ جو گهٽو اثر نه ٿو پوي. انهن لاءِ نعرو ئي ڪافي آهي: "الله راضي، جيئي شيرازي!" انهن لاءِ اهو نعرو رڳو سياسي جذبي جو اظهار ناهي، پر ان وفاداريءَ جي علامت به آهي، جيڪا سالن کان شيرازي خاندان ۽ ان جي ووٽرن جي وچ ۾ قائم آهي. جيئن پيپلز پارٽي جو ووٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي قرض جي نالي تي ورثو وڃي ٿو تيئن سجاول ۽ ٺٽو ضلعن ۾ اڳ ئي مرحوم اعجاز علي شاهه شيرازي ۽ سجاول ۾ شفقت حسين شاهه شيرازي جي سياسي پاليسي، ماڻهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ ڀهراڙيءَ جي علائقن وارن ماڻهن لاءِ ووٽ ڏيڻ جو وڏو سبب بڻيل آهي. چونڊن جي موسم ۾ اهو اثر وڌيڪ چٽو ٿي سامهون اچي ٿو جڏهن سياسي جلسا ٿين ٿا يا ريليون ڪڍڻ جو مقابلو هجي ٿو ته شيرازين جي جلسن ۽ ريلين جو مقابلو مخالف ڌرين لاءِ ڏکيو بڻجي وڃي ٿو ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت سندن سياسي طاقت جو نمايان پاسو آهي.

2018ع جي عام چونڊن ۾ سجاول ۽ ٺٽو جي مقامي پ پ قيادت اعلي قيادت کي مشورو ڏنو ته اگر پيپلزپارٽي ٻنهي ضلعن مان ڪلين سوئيپ ڪرڻ چاهي ٿي ته شيرازين کي پ پ ۾ شامل ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي جنهن بعد پارٽي طرفان شيرازين کي پ پ ۾ شموليت جي دعوت ڏئي شامل ڪيو ويو.

شيرازي خاندان جي سياسي موجودگي

سيد شفقت شاهه شيرازي جي سياسي اثر ۽ طاقت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن وقت سندس پٽ شاهه حسين شاهه شيرازي سجاول ۽ ميرپور بٺورو واري تڪ تان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. سندس ڀائٽيو سيد اياز علي شاهه شيرازي سجاول مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر آهي، جڏهن ته ٻيو ڀائٽيو رياض شاهه شيرازي ٺٽي مان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ صوبائي وزير آهي. ان کان سواءِ سندس ڀائٽيو آفتاب شاهه شيرازي سجاول ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين آهي، سندس ڀائٽيو حاجي پاشا شاهه شيرازي يونين ڪائونسل علي بحر جو چيئرمين ۽ سالو نصير شاهه شيرازي ضلع ڪائونسل سجاول جو ميمبر آهي. جڏهن ته سندس ئي گروپ جي ادا محمد ميمڻ کي ٺٽو ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين شپ ۽ غلام علي خواجه کي ميرپور بٺورو جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪيس سجاول ضلعي جي 37 يوسيز مان 9 تي چيئرمين ۽ ضلعي ڪائونسل جي 37 جنرل ڪائونسل سيٽن مان 22 سيٽن تي سندس حمايت يافته ميمبرن موجود آهن.

ايئن هڪ ئي خاندان ۽ ان جي حامين جو قومي، صوبائي ۽ مڪاني سطح تي نمائندگي ڪرڻ جو اعزاز پوري سنڌ ۾ شايد سجاول ۽ ٺٽي جي شيرازي خاندان کي حاصل آهي ۽ هيڏي ساري ڪاميابي جو سهرو شفقت شاهه شيرازي جي مٿي تي آهي.

اهو سياسي تسلسل خاندان جي پراڻي اثر رسوخ، مقامي لاڳاپن ۽ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان جاري سياسي سرگرمين سان جڙيل آهي، هو صبح سوير جيئن ئي ننڊ مان اٿي ٿو ته سندس اوطاق تي ملازم کان ڄاڻ معلوم ڪري ٿو ۽ شادين جا ڪارڊ گهرائي ٿو. پوءِ سيني ننڍن جون ڊيوٽيون لڳائي ٿو ۽ مختلف علائقن طرف باقاعده تشڪيل ڏئي موڪلي ٿو ته مرڻا ۽ پرڻا اٽينڊ ڪن.

مخالفن لاءِ سياسي چيلينج

سيد شفقت شاهه شيرازي جي شخصيت جو هڪ اهم پاسو سندس سياسي اعتماد آهي. سياست ۾ عزت ۽ ڪاميابيءَ بابت ڳالهائيندي هو ان کي الله تعاليٰ جي عطا سمجهي ٿو. سندس خيال ۾ سياسي حيثيت ۽ عوامي مقبوليت کي مستقل سمجهڻ بدران الله جي مهرباني ۽ عوام جي اعتماد سان جوڙڻ گهرجي.

مخالف سياسي ڌرين بابت ڳالهائيندي سيد شفقت شاهه جو موقف آهي ته ڪين شيرازي گروپ جي سياسي سطح تائين پهچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اڃا 25 سال لڳندا، سو به ان صورت ۾ جڏهن هو شيرازين جيترو ڪم ڪري سگهن پر شيرازين جيترو ڪم ڪرڻ انهن جي وس ۾ ئي ناهي، هن چيو ته الله سائين ماڻهن جي دلين ۾ وجهي ٿو تڏهن هو اسان وٽ اچن ٿا، باقي اسان ڪڏهن پيسن تي ماڻهو خريد ناهن ڪيا ۽ اهو ڪو ضمير فروش ئي هوندو جيڪو پيسن تي پنهنجي سياسي همدردي بدلائيندو. خود اعتمادي ايتري اٿس جو سندن چوڻ آهي ته ماڻهو هن وقت پلي ڪنهن ٻئي سان گڏ نظر اچن، پر مخالف جي اها پل آهي، ساڳيا ماڻهو چونڊن ۾ ووٽ اسان کي ئي ڏيندا.

ان دعويٰ جي وضاحت لاءِ هو 2008ع جي عام چونڊن جو مثال ڏئي ٿو جڏهن محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حق ۾ وڏي سياسي لهر موجود هئي، سڄي سنڌ ۾ پ پ مخالف ڪوائي ۾ لوڻ وجهي ٻڇيو هو. پر ايتري سيلاب باوجود به شيرازين آزاد اميدوارن طور ٻنهي ضلعن جي ستن سيٽن مان ڇهن سيٽن تي ڪاميابي ماڻي هئي.

سيد شفقت شاهه پنهنجي سياسي زندگيءَ جي هڪ ڏکئي دور جو ذڪر ڪندي ايس ايس پي ولي الله دل جي ٺٽو ضلعي ۾ مقرريءَ وارو وقت به ياد ڪري ٿو ان دور ۾ شيرازي خاندان جي ماڻهن خلاف ڪيترين ئي ايف آءِ آرون داخل ٿيون. جن ۾ سندس ڀاءُ مرحوم سيد اعجاز علي شاهه شيرازي خلاف قتل جو ڪيس به شامل هو. جيڪو به چوندو هو ته آئون شيرازين جو ماڻهو آهيان ته انهي کي جيل ۾ وڌو ويندو هو. هن موجب ان وقت ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته شيرازي گروپ جي سياسي طاقت ڪمزور ٿي ويندي ۽ مڪاني چونڊن ۾ به ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. پر پوءِ جلد ئي بلدياتي چونڊون ٿيون ۽ ان ۾ پراڻي ٺٽي ضلعي جي ڪل 55 يونين ڪائونسلن مان 42 سيٽن تي اسان ڪاميابي حاصل ڪري مخالفن جا خواب مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا.

ٻي طرف اهو دور به يادگار رهيو جڏهن شيرازين جي سياست کي ختم ڪرڻ اويس مظفر ٽپي کي آندو ويو جيڪو پاڻ گم ٿي ويو پر شيرازين جو وار به ونگو نه ڪري سگهيو، البته ان دور ۾ شيرازين ۽ سندن حامين تي سون جي تعداد ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا، جو اڳتي هلي نيٺ عدالت جو دروازو کڙڪائڻ تي سپريم ڪورٽ نوٽيس ورتو ۽ ان دور جي ساک واري سمجهيو ويندڙ پوليس آفيسر، سابق ڊي جي ايف آءِ اي بشير ميمڻ کي جانچ آفيسر مقرر ڪيو ويو جنهن جانچ ڪري سمورا ڪيس ختم ڪيا. شيرازين خلاف ذوالفقار مرزا کي به ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ اسائيمينٽ ڏني وئي پر اها به سازش آخرڪار ناڪام ٿي.

هن چيو ته تازو به اها روايت ورجائي وئي آهي پر ماضي جيان الله جي طاقت ۽ عوام جي حمايت سان مستقبل ۾ انهي جو نتيجو به اسان جي حق ۾ ايندو.

ذاتي زندگيءَ جا ڏک ۽ خاندان جا سانحا

پاڻ پنج ڀائر مظفر علي شاهه شيرازي، عبدالستار شاهه شيرازي، مقبول شاهه شيرازي، اعجاز علي شاهه شيرازي ۽ پاڻ شفقت حسين شاهه شيرازي آهن جن مان چار وفات ڪري چڪا آهن. سياست جي ميدان ۾ مضبوط نظر ايندڙ سيد شفقت شاهه شيرازي جي ذاتي زندگي ڏکن کان خالي ناهي. سندس ڀاءُ سيد عبدالستار شاهه شيرازي جي شهادت، سيد غلام اڪرم شاهه شيرازي سان پيش آيل المناڪ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ خاندان جي ڇئن ماڻهن جي وفات ۽ وڏي ڀاءُ اعجاز علي شاهه شيرازي جي وفات جهڙا واقعا سندس زندگيءَ جا انتهائي ڏکوئيندڙ باب آهن.

خاندان جي انهن سانحن سندس ذاتي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيا. عوامي زندگيءَ ۾ ماڻهن جي وچ ۾ رهندڙ ۽ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ مصروف نظر ايندڙ هن شخصيت لاءِ پنهنجن پيارن جي وڇوڙي جو درد به زندگيءَ ۾ اهڙا وڏا جيڪو سياسي عهدن ۽ ڪاميابين جي خوشين تي هميشه وزني رهيا.

غريبن جي مدد ۽ رازداريءَ سان خيرات

سيد شفقت شاهه شيرازي زندگيءَ جو هڪ ٻيو پاسو غريب ۽ ضرورتمند ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي. هونئن ته پاڻ جنهن ٽائيم اوطاق تي اچي ٿو يا جتي به وڃي ٿو ته غريبن ۽ مسڪينن کي مالي مدد ڏيڻ جي روايت موجود آهي. پر خاص طور فٽبال گرائونڊ تي هفتي ۾ هڪ ڏينهن مقرر هوندو آهي، جڏهن هو ضرورتمند ماڻهن ۾ رقم ورهائيندو آهي، جتي ڪجهه مخصوص مستحقن جي وڏي قطار لڳي ٿي ۽ سيڻي پنهنجو مقرر وظيفو وصول ڪرڻ لاءِ ڪهي اچن ٿا ۽ هفتي کن جي سيڌي سامان جي رقم وٺي ڪري خوش ٿي روانا ٿين ٿا پر هن ڪم کي هو نمائش جو ذريعو بڻائڻ پسند نٿو ڪري، نه ئي ڪڏهن ڪنهن ڪچهري وغيره ۾ اهڙو ڪو ذڪر ڪري ٿو. ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ اهڙيون سرگرميون لڪي نه ٿيون پر سندس سوچ اها آهي ته صدقو ۽ خيرات اهڙي نموني ڪرڻ گهرجي، جو هڪ هٿ جي مدد جي خبر ٻئي هٿ کي به نه پوي. ان ڪري هو ضرورتمندن جي مدد کي ذاتي ۽ خاموش عمل طور رکڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. سندس هڪ هٿ ۾ هڪ تسبيح به اڪثر موجود هوندي آهي، جنهن سان اڪثر رب کي ريجهائڻ لاءِ مخصوص ذڪر به زبان تي جاري رکي ٿو، اها سندس روزاني معمول جو حصو آهي، جڏهن ته ماڻهن سان ملاقاتن، سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ فيصلا ڪرڻ جو سلسلو به ساڳئي وقت جاري رکندو آهي.

غريبن جي مدد بابت سندس اهو رويو ان سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن ۾ خيرات کي ذاتي تشهير بدران انسانيت جي خدمت سمجهيو وڃي ٿو.

فيصلن جي صلاحيت ۽ غيرمعمولي حافظو

سيد شفقت شاهه شيرازي ڏکين معاملن کي سمجهڻ ۽ انهن بابت تڪڙو فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ سياستدان آهي. مختلف راڄن، خاندانن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ تڪرارن کي حل ڪرڻ ۾ سندس ڪردار کي اهميت ڏني ويندي آهي. ڏکين معاملن کي ٿوري وقت ۾ سمجهي، ٻنهي ڌرين جي ڳالهه ٻڌي فيصلو ڪرڻ سندس اهڙي خوبي آهي، جنهن سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي وٽس پهچن ٿا. سندس حافظو به غيرمعمولي طور تي مضبوط آهي. هڪ پيرو ملندڙ ماڻهوءَ کي ٻي ملاقات ۾ نالي سان سڏڻ، ٻنهي ضلعن جي راڄن جي چڱن مڙسن کي سڃاڻڻ ۽ ڇپي ڇپي، وستي وستي ۽ اهڙن جو واقف هجڻ، هر هر ماڻهوءَ هر هر ڳالهه ذهن ۾ نقش ٿي وڃڻ توڙي مختلف ڳوٺن ۾ ووٽرن جي انگ بابت ڄاڻ رکڻ سندس روزاني سياسي زندگيءَ جو حصو آهي. سندس انتخابي مهم دوران ورڪ ڪرڻ جو اهڙو منفرد طريقو آهي جو بس هڪ هڪ ماڻهو سان ملندو ڪيس پاڻ لاءِ مائل ڪندو ويندو، ووٽرن جون لسٽون ۽ سندن نالا ۽ پتا برزبان ياد رکي ايئن هٽ گهمائيندو جو مخالف کي ڪهڙي به خوش فهمي هجي پر نتيجا ايئن نڪرن ٿا جيڪا سندس مرضي ۽ سندس پيشنگوئي هوندي آهي. هڪ ئي ماڻهوءَ اهڙين ٻن ضلعن ۾ چرخو گهمائي ٿو جهڙو ڪو اهو ڪم سوين ماڻهن گڏجي ڪيو هجي. سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي ماڻهن لاءِ اها به اهم ڳالهه هوندي آهي ته سندن پسنديده شخصيت يا سياسي اڳواڻ ڪيس نالي ۽ مڪمل تعارف سان سڃاڻي ٿو، سو سيد شفقت شاهه شيرازي جي اها خصوصيت ۽ منفرد صلاحيت ڪيس وڌيڪ ممتاز ۽ مقبول بڻائي ٿي.

فٽبال، ميسي ۽ ذاتي پسند

سياسي مصروفيتن باوجود سيد شفقت شاهه شيرازي پنهنجي صحت ۽ ذاتي دلچسپين لاءِ به وقت ڪڍندو رهيو آهي. هو پنهنجي صحت کي الله تعاليٰ جي مهرباني قرار ڏئي ٿو. ۾ سندس زندگيءَ ۾ راندين جي به اهم جاءِ رهي آهي. لڳ ڀڳ 35 کان 40 سالن تائين روزانو شام جو فٽبال کيڏڻ سندس معمول رهيو آهي. فٽبال سندس پسنديده راند آهي ۽ عالمي فٽبال جي مشهور رانديگرن ۾ ليونل ميسي ڪيس سڀ کان وڌيڪ پسند آهي. ڏگهي عرصي تائين فٽبال کيڏڻ سندس روزاني زندگيءَ جو اهم حصو رهيو، جنهن سان راندين سان سندس لڳاءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سفيد رنگ ڪيس خاص طور پسند آهي ۽ لباس ۾ به سفيد رنگ کي ترجيح ڏئي ٿو. کاڌي ۾ سبزين پسند اٿس. تاريخ ۽ اولياءِ جي سوانح حيات جا ڪتاب پڙهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. جڏهن ته قرآن پاڪ جو ترجمو ٻڌڻ به سندس روزانو معمول جو حصو آهي. ڪوڙ سان نفرت ۽ سچ ڳالهائڻ جي اهميت تي زور سندس ذاتي خيالن ۾ شامل آهي.

ترقياتي ڪم ۽ روزگار بابت موقف

سيد شفقت شاهه شيرازي پنهنجي سياسي دور جي اهم ڪمن ۾ سجاول ۽ ٺٽي جي مختلف شهرن ۽ سوين ڳوٺن ۾ گئس، بجلي، ٽرانسفارمرن ۽ روڊن رستن جون سهولتون پهچائڻ کي شمار ڪري ٿو. سجاول، جوهي، جاتي، بلوڙو، ڏڙو، گهارو، ٺٽو ۽ ساڪرو سميت مختلف علائقن ۾ انهن سهولتن جي فراهميءَ لاءِ ڪيل ڪوششون سندس سياسي سفر جو حصو رهيون آهن.

پرويز مشرف جي دور ۾ وزيراعظم شوڪت عزيز سان ملاقات ڪري زرعي قرض معاف ڪرائڻ جو معاملو به سندس سياسي زندگيءَ جي اهم واقعن مان هڪ آهي. سيد شفقت شاهه جي بيان موجب، ان وقت جي صدر پرويز مشرف ۽ وزير اعظم شوڪت عزيز ڪيس تجويز ڏني ته هو فقط پنهنجن ووٽرن جي فهرست ڏئي، جيئن انهن جا قرض معاف ڪري سگهجن، پر انهن جواب ڏنو ته اهڙو هزارن ۾ هجي، پر هن رڳو پنهنجن ووٽرن جي قرضن جي معافيءَ بدران سڄي ضلعي جي ماڻهن جا قرض معاف ڪرائڻ جو موقف اختيار ڪيو.

ان وقت سجاول ۽ ٺٽو هڪ ئي ضلعو هئا. سيد شفقت شاهه جي چوڻ موجب، ضلعي جا سڀ ماڻهو سندس پنهنجا هئا، تنهنڪري سهولت به سڀني کي ملڻ گهرجي. هن واقعي کي هو پنهنجي مثبت سياسي سوچ جي مثال طور پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ روزگار ۽ معاشي سهولت کي سياسي وابستگيءَ کان متاثر رکڻ جي ڳالهه ڪئي وئي.

اين سي ايڇ ڊي جي استادن جي بحاليءَ لاءِ ڪيل ڪوشش کي به هو پنهنجي اهم ڪمن ۾ شمار ڪري ٿو. سندس چوڻ موجب، هزارين استادن جي بحاليءَ لاءِ قدم کنيا ويا، جڏهن ته ڪجهه سياسي شخصيتن انهن استادن کي تعليم کاتي تي بار سمجهنديون هيون. اهو ڪم به بنا فرق ڪيو ويو، سيد شفقت شاهه جو موقف آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ کان روزگار کسڻ نه گهرجي، پوءِ اهو سندس سياسي مخالف يا مخالف ووٽرن جي چونڊ ۾ هجي. سندس خيال ۾ سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر ماڻهن جي روزگار ۽ معاشي تحفظ کي نقصان نه پهچڻ گهرجي.

اهو موقف سندس سياسي سوچ جي هڪ اهم پهلوءَ کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ ووٽ ۽ سياسي حمايت کان علاوه ماڻهن جي روزگار کي به اهميت ڏني وڃي ٿي. سندس نظر ۾ عوامي نمائندي جي ذميواري رڳو پنهنجن حامين تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پر علائقي جي ماڻهن جي مجموعي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ به ضروري آهي.

نئين سياسي قيادت بابت خيال

سجاول ۽ ٺٽي ۾ نون سياسي هائوسن جي قيام بابت سيد شفقت شاهه پر اعتماد جواب ڏنو ته نوان سياسي هائوس ٺهن ٿا ته ڀلي ٺهن. ان سان شيرازي گروپ کي ڪو فرق نه پوندو. هو پنهنجي خاندان جي ڏهاڪن جي سياسي سفر ۽ عوام سان لاڳاپن کي پنهنجي طاقت سمجهي ٿو. سندس خيال ۾ سياست ۾ سڃاڻپ رڳو نالي يا عهدي سان قائم نٿي رهي، پر ان لاءِ ماڻهن سان گڏ رهڻ ۽ ڏک سک توڙي سندن مسئلن ۾ ساٿ ڏيڻ ضروري آهي. سيد شفقت شاهه مخالف سياسي ڌرين کي چيلينج ڪندي چيو ٿو ته اهي به عوام لاءِ ڪم ڪري ڏيکارين، پوءِ مقابلي جي ڳالهه ڪن. سندس نظر ۾ شيرازي گروپ جي سياسي حيثيت جو بنياد خاندان جي پراڻي وابستگي ۽ عوام سان قائم لاڳاپن ۾ آهي.

عوام لاءِ پيغام

ڪچهري جي پڄاڻيءَ تي سيد شفقت شاهه شيرازي عوام کي سچ ڳالهائڻ، ڪوڙ جو ساٿ نه ڏيڻ ۽ منشيات کان نفرت ڪرڻ جو پيغام ڏنو.

سيدپور ۾ انٽرويو دوران ماڻهن جو لڳاتار اچڻ، سخت گرميءَ باوجود هن جو انهن جي وچ ۾ موجود رهڻ ۽ هر ايندڙ شخص کي ٻڌڻ لاءِ وقت ڪڍڻ، اهي منظر هئا، جن مان سندس روزاني زندگيءَ جو هڪ پاسو سامهون آيو.

سيد شفقت شاهه شيرازي جي سياسي سفر ۾ ڪيترائي اهم عهدا، چونڊن ۾ ڪاميابيون ۽ ترقياتي ڪمن بابت دعوائون شامل آهن. پر سندس شخصيت کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ لاءِ اوطاق تي متل عوامي ميلو ڏسڻ به اهم آهي، جتي ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي اچن ٿا ۽ هو انهن کي ٻڌڻ لاءِ موجود رهي ٿو.


اڄ جي شخصيت
سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
لاڙ پٽ جو چيف سياستدان
شادرزاق ميمڻ
سجاول ۽ ٺٽي جي سياسي شخصيت

بقايا *** 01

اچي چڪو آهي. هن چيو ته سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، سنڌ جي قسمت جو فيصلو رڳو سنڌ جا عوام ئي ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته سياستدانن جو ڪم ماڻهن ۾ نفرت ۽ ويڇا پيدا ڪرڻ ناهي. وفاقي ڪابينا ۾ شامل ڪراچي سان تعلق رکندڙ ماڻهن شهر لاءِ هڪ ٽڪي جو به ڪم ناهي ڪيو. وفاقي حڪومت ڪراچي ۾ دلچسپي نٿي وٺي. جڏهن ته ان جا نمائندا شهر ۾ نفرت پکيڙڻ ۾ مصروف آهن. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته وفاقي حڪومت کي ڪراچي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن شهر ۾ وفاقي ۽ صوبائي ادارا گڏجي ڪم ڪن ته عوام جي بهتر خدمت ڪري سگهجي ٿي. هن چيو ته حڪومت جو فرض آهي ته عوام لاءِ آسانيون پيدا ڪري. ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاري عروج تي آهي. جڏهن ته سنڌ حڪومت عوام تي معاشي بار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بجلي جا بل ايترا وڌي ويا آهن، جو عوام لاءِ انهن جي ادائيگي ڏکي ٿي پئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته سندس خواهش آهي ته سڄي ليارِي کي شمسي توانائي تي منتقل ڪري سگهجي. سنڌ حڪومت ليارِي جي رهواسين کي شمسي توانائي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي.

بقايا *** 02

۽ ڏکڻ ايشيا جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن ڀارت ناپاڪ ارادن سان ڪشمير ۾ داخل ٿي ڪشميري عوام جي حق کي لتاڙيو. ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ به ڪشميري عوام پنهنجن بنيادي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، جڏهن ته سندن قربانيون عالمي ضمير کان انصاف جي گهر ڪن ٿيون. هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جو عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ تقريبون ان عزم جو اظهار آهن ته پاڪستاني عوام ڪشميرين جي جدوجهد ۾ سندن ساٿاري آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي حق خودارادیت جي حمايت جاري رکندو. هن عالمي برادريءَ تي زور ڀريو ته ڪشمير بابت پنهنجي قراردادن تي عملدرآمد ۽ مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو وڃي.

بقايا *** 03

نجام ڏيندڙ 32 آفيسرن ۽ ملازمن کي ايندڙ گريڊن ۾ ترقي ڏئي ڇڏي آهي. اهي ترقيون کاتي جي پروموشن ڪميٽين (ڊي پي سي ون ۽ ڊي پي سي ٽو) جي ڌار ڌار اجلاس ۾ ڏنيون ويون. ڊي پي سي ون جو اجلاس اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري بئريسٽر ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ ٿيو جنهن ۾ ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز محمد يوسف ڪابرو، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن کاتي (ايس جي اي اينڊ سي ڊي) جي ڊپٽي سيڪريٽري تاج محمد هاليپوٽو، اطلاعات کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽري صاحب خان پنڊ ۽ ڪميٽي جي ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ بي پي ايس 16 جي ٻن اسسٽنٽس کي بي پي ايس 17 ۾ سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي. جڏهن ته اطلاعات کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس ۾ مقرر سينئر ڪلارڪن کي پڻ لاڳاپيل قاعدن موجب ايندڙ عهدن تي ترقي ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي.

بقايا *** 04

ورتو. گرفتار ملزمن وٽان هٿيار، موٽر سائيڪلون، موبائل فون، نقدي، پرس، رڪشا ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويو. جڏهن ته زخمي ملزمن کي طبي امداد لاءِ مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو. پوليس اختيارين موجب خواجه اجمير نگري پوليس شاهنواز ڀٽو ڪالوني ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ زاهد نالي ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. ملزم کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته ان وٽان هٿيار ۽ موٽر سائيڪل برآمد ٿي. ڪورنگي پوليس ڊائي نمبر غريب نواز روڊ تي مبينا مقابلي ڪانپوءِ عثمان نالي 25 سالن ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. پوليس اختيارين موجب زخمي ملزم کي طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته ان وٽان هٿيار برآمد ٿيو. ٻئي طرف شرافي گوٺ پوليس شاه فيصل ندي جي ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ نادر نالي ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ملزم کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته ان وٽان هٿيار ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويو. ٻئي طرف جمشيد ڪوارٽر پوليس ايم اي جناح روڊ تي اسلاميه ڪاليج جي ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ملزمن کي گرفتار ڪيو. جن مان هڪ زخمي هو.

بقايا *** 05

لاءِ طالبان ۽ ٻين هٿياربند شدت پسند گروپن کي علائقن مان ڪڍڻ جون تياريون مڪمل ڪري حڪمت عملي طئي ڪئي وئي آهي. آر ڊي سي جي چيئرمين شوڪت الله هڪ خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪائونسل جا ميمبر پنهنجن لاڳاپيل ضلعن ۾ قبائلي روايتن موجب ڳالهين جي شروعات ڪندا. ان عمل ۾ جرڳن، مقامي معززن ۽ علائقي جي ماڻهن جو سهڪار حاصل ڪيو ويندو، ته جيئن هٿياربند گروپن کي بنا ڪنهن شرط جي علائقا ڇڏڻ لاءِ راضي ڪري سگهجي. اطلاعات بابت صلاحڪار محمود جان بابر ٻڌايو ته هر ضلعي ۾ ڪائونسل جي لاڳاپيل ميمبر کي ان مقصد لاءِ ذميواري ڏني ويندي ۽ مقامي سطح تي رابطن ۽ مشاورت ذريعي ان عمل کي اڳتي وڌايو ويندو. انهن ضلعن ۾ ڊيرا اسماعيل خان، ٽانڪ، لڪي مروت، بنون، باجوڙ، مهمند، خيبر، ڪرم، اورڪزئي، اتر وزيرستان، ڏکڻ وزيرستان اپر ۽ ڏکڻ وزيرستان لوئر شامل آهن. 17 آڪٽوبر تي 48 رڪني ايريا ريپريزنٽيٽو اينڊ ڊولپمينٽ ڪائونسل جي قيام جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هو. اڳوڻي گورنر شوڪت الله جي سربراهي ۾ قائم ڪيل هن ڪائونسل ذريعي مقامي نمائندن کي امن امان، ترقياتي ضرورتن ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪردار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. آر ڊي سي جي چيئرمين موجب، پهرئين مرحلي ۾ انهن علائقن ۾ ترقياتي ڪمن تي ڌيان ڏنو ويندو. هن چيو ته انهن ضلعن ۾ امن قائم ڪرڻ پڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ قبائلي روايتن کي نظر ۾ رکندي قدم کنيا ويندا.

بقايا *** 06

ڏس ۾ پنجاب جي سرڪاري اسپيشل اقتصادي زونز ۽ صنعتي اسٽيٽس لاءِ نئين زمين ليز پاليسي جي منظوري به ڏني وئي آهيانهن قدمن سان صنعتي لاڳت ۾ گهٽتائي، ايڪسپورٽ ۾ واڌارو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا.

بقايا *** 07

ي لاڳو ليوي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو طريقو جوڙي. وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ليويءَ جو بار وچولي طبقي ۽ غريب ماڻهن تي پئجي رهيو آهي. هن چيو ته حڪومت سان ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو آهي ته پيٽروليم شين تي عوام لاءِ رليف وڌايو ويندو، پر جماعت اسلامي ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهي آهي. جڏهن ته حڪومت مرحليوار رليف ڏيڻ چاهي ٿي. هن چيو ته حڪومت سان وڌيڪ ڳالهيون ڪيون وينديون. پر نومبر جي ڏهين تاريخ ۽ مارچ ضرور ٿيندو. حڪومت وڌيڪ سٽ کان ڏهه ڏينهن گهريا آهن. حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومت مارچ شروع ٿيڻ کان اڳ رليف پيڪيج جو اعلان ڪري. ته ليويءَ جي صورت ۾ عوام کان اضافي رقم وٺڻ وارو سلسلو ختم ٿيڻ گهرجي. موجوده رليف پيڪيج مان عوام کي گهٽ فائدو ٿي پيو ملي. هن چيو ته ممڪن آهي ته مطالبن لاءِ ٽي ويهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻي پوي. جماعت اسلامي جي چيف قيمت ۾ به رليف ڏنو وڃي ته ليوي به ختم ڪئي وڃي. جماعت اسلامي جي امير دعويٰ ڪئي ته جيڪڏهن سندس جماعت احتجاج نه ڪري ها ته حڪومت پيٽرول تي رليف نه ڏئي ها. بلڪ 80 روپين واري ليوي 160 روپين تائين وڌائي ڇڏي ها. هن چيو ته احتجاج ڪانپوءِ حڪومت پوئتي هٽي ۽ هاڻي به حڪومت تي دٻاءُ موجود آهي. جنهن کي وڌيڪ وڌايو ويندو. حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي جو مقصد عوام کي رليف ڏيارڻ آهي. ڇاڪاڻ سان گڏ ليوي ختم ڪرائڻ آهي. جيڪڏهن جماعت اسلامي احتجاج نه ڪري ها ته رليف پيڪيج به نه اچي ها. هن چيو ته حڪومت ڪير به هجي، ڳالهه ان سان ئي ڪرڻي پوندي آهي. فارم 47 هجي يا 48، ڳالهه حڪومت سان ئي ٿيندي آهي. هن مثال ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ڪو جهاز اغوا ڪري وٺي ته پوءِ به ڳالهه ان ئي شخص سان ڪرڻي پوندي آهي، جنهن جهاز تي قبضو ڪيو هجي.

بقايا *** 08

ابيءَ بابت درخواستن جي ٻڌڻي دوران لاپتا ماڻهن جي ڪيسن ۾ واڌاري تي تشويش جو اظهار ڪندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کي معاملن جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪيئيعدالت ريمارڪس ڏنا ته شهر ۾ لاپتا ماڻهن جا ڪيس ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن ۽ هي معاملو انتهائي حساس نوعيت اختيار ڪري چڪو آهي. پنهنجن پيارن جي گمشدگيءَ سبب متاثر خاندان سخت نفسياتي صدمن مان گذرن ٿا. عدالت وڌيڪ ريمارڪس ڏنا ته اهڙن ڪيسن ۾ تفتيشي آفيسرن جي غيرحاضري سندس ذميواريءَ بابت سوال اٿاري ٿيعدالت ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز کي لاپتا ماڻهن جي معاملن جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي. ٻڌڻي دوران تفتيشي آفيسر رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته گڏيل تحقيقاتي ٽيم (جي آءِ ٽي) ناهڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان خط ۽ ڪتابت ڪئي وئي آهي ۽ جواب جو انتظار آهيعدالت سچل جي علائقي مان لاپتا موسيٰ جي بازيابيءَ بابت درخواست واپس ورتي وڃڻ تي نبيري ڇڏي. جڏهن ته جمشيد ڪوارٽرز مان لاپتا سيد شهاب علي جي درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏيعدالت منگهو پير مان لاپتا سيف الله جي گمشدگيءَ جو ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. بن قاسم مان لاپتا شهري جي بازيابيءَ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي. جڏهن ته پي آءِ بي جي علائقي مان لاپتا شيراز ۽ گلشن اقبال مان لاپتا ظريف حسن جي گمشدگيءَ جا ڪيس داخل ڪرڻ جي به هدايت ڪئي.

بقايا *** 09

خواست تي ٻڌڻي ڪندي پارڪ کي ڊي سيل ڪرڻ ۽ کولڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.ٻڌڻي دوران درخواست گذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته معاملو ضلعي عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ هو، پر وڪيل جي غير حاضريءَ تي هيٺين عدالت حڪم امتناعي ختم ڪري ڇڏيو ان کانپوءِ ڊي ايڇ اي انتظاميا پارڪ تان ڏينهن ۾ خالي ڪرڻ جي هدايت ڏني، پر مبينا طور مهلت ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ايندڙ ڏينهن پارڪ سيل ڪيو ويودرخواست گذار جي وڪيل حيدر وحيد ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته پارڪ ۾ ماڻهو تفريح لاءِ ايندا هئا ۽ ان مان آمدني به حاصل ٿي رهي هئي. هن ڊي ايڇ اي انتظاميا جي قدم تي اعتراض ڪيو.

بقايا *** 10

ورتن سميت چار ڄڻا گرفتار.ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙيءَ جي علائقي موچڪو ۾ پوليس بين الصوبائي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ خلاف ڪارروائي ڪندي ٻن مردن ۽ ٻن عورتن سميت منشيات جي سپلاءِ ۾ ملوث هجڻ جي شڪ ۾ چئن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب، جوابدارن جي قبضي مان 5 هزار 400 گرام ويڊ هٿ ڪئي وئي آهيپوليس موجب، ڳجهي اطلاع تي موچڪو چيڪ پوسٽ وٽ ڪارروائي ڪئي وئي، جتي جوابدار بلوچستان جي علائقي حب مان رڪشا ۾ منشيات کڻي ڪراچي اچي رهيا هئا. گرفتار ٿيلن جي سڃاڻپ رضوان، محمد صديق، مريم ۽ سائره جي نالن ڪئي وئي آهياختيارين موجب، جوابدارن جي قبضي مان ويڊ جا 20 ڏبا هٿ ڪيا ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته اها منشيات مبينا طور پوش علائقن ۽ مختلف تقريبن ۾ سپلاءِ ڪئي ويندي هئيپوليس موجب، گرفتار جوابدار رضوان اڳ ۾ مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهيجوابدارن خلاف موچڪو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مبينا منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 11

ن نتيجا نڪرندا. قدرتي گئس جو عالمي توانائي، صنعت، زراعت ۽ عالمي واپار ۾ ڪردار وڌيڪ مضبوط ٿيندو. ماسڪو ۾ گئس برآمد ڪندڙ ملڪن جي فورم (جي اي سي ايف) جي اٺين سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندي روسي صدر پيوٽن چيو ته قدرتي گئس جي ذخيرن جي لحاظ کان روس دنيا ۾ پهرين نمبر تي آهي. جڏهن ته پيداوار جي لحاظ کان ٻئي نمبر تي آهي. روس عالمي مارڪيٽ کي گئس فراهم ڪندڙ هڪ ذميوار، قابل اعتماد ۽ اڳڪٿي لائق ساٿي آهي.

بقايا *** 12

ي رهيا آهن. پارليامينٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي بيرسٽر گوهر چيو ته سياسي مسئلن جي حل لاءِ حڪومت سان جلد ۽ تعميري ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي پارليامانی اجلاس کي معمول جي گڏجاڻي هجڻ باوجود غيرضروري طور سنجيده بڻايو پيو وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين وڌيڪ چيو ته پارٽي جي باني کي پنهنجي خاندان جي ميمبرن سان ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ غيرانساني ورتاءُ آهي.

بقايا *** 13

گنڊاپور کي ٻيهر وڏو وزير بڻائڻ لاءِ لابنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب خيبرپختونخوا جي نئين وڏي وزير جي چونڊ لاءِ پي ٽي آءِ ۾ سرگرميون تيز ٿي ويون آهن. وڏي وزير جي معاملي تي پارٽي جي ڪيترن ئي مرڪزي ۽ اسيمبلي ميمبرن ۾ اختلاف موجود آهن. پارٽي جي ڪجهه اهم مرڪزي اڳواڻن جي خواهش آهي ته بونير يا هزارا سان تعلق رکندڙ ڪنهن ميمبر کي وڏو وزير بڻايو وڃي. جڏهن ته اسيمبلي جا 30 کان وڌيڪ ميمبر علي امين گنڊاپور کي ٻيهر وڏو وزير بڻائڻ لاءِ سرگرم آهن. تنهن هوندي به پي ٽي آءِ جي باني سان مشاورت ڪرڻ نه ٿيڻ جي صورت ۾ نئين وڏي وزير جي چونڊ عارضي هوندي. ذريعن ٻڌايو ته جيستائين پارليامانی پارٽي جو چونڊيل شخص ئي وڏو وزير رهندو. پي ٽي آءِ جا اڪثر ميمبرن ان حوالي سان پنهنجو الڳ واٽس ايپ گروپ پڻ ناهيو آهي. ٻئي طرف پي ٽي آءِ خيبرپختونخوا جي ترجمان شوڪت يوسفزئي جيو نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته پارٽي جي نئين وڏي وزير بابت اڃا تائين ڪو به فيصلو ناهي ٿيو. جيڪڏهن سهيل آفريدي نااهل قرار ڏنو ويو ته پارٽي قيادت مشاورت سان نئين وڏي وزير جو فيصلو ڪندي. هن چيو ته صوبي جي نمائندگي لاءِ علي امين گنڊاپور جو نالو پارليامانی پارٽي پيش ڪيو هو. شوڪت يوسفزئي وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ ۾ ڪا به گروپ بندي ناهي، اسيمبلي ميمبرن پاڻ ۾ رابطا بحال رکڻ لاءِ واٽس ايپ گروپ ناهيو آهي.

بقايا *** 14

شخص کي جيڪڏهن ان جي اطلاع جي نتيجي ۾ ڏوهاري کي سزا اچي ٿي ته 10 لک آمريڪي ڊالر انعام ڏنو ويندو. آمريڪي صدر جو اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن آمريڪا ۾ وچ مدي وارين چونڊن ۾ رڳو هڪ هفتو باقي رهجي ويو آهي. ان کان اڳ ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽفارم 'ٽروٿ سوشل' تي اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو جي حمايت جو اعلان ڪيو هو. هڪ بيان ۾ ٽرمپ چيو هو ته اسرائيلي عوام نيتن ياهو کي ووٽ ڏئي، جيئن گڏجي شروع ڪيل ڪم کي مڪمل ڪري سگهجي.

بقايا *** 15

مير جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ هر پاڪستانيءَ جي ذميواري آهي. اسان 78 سالن کان ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ آواز اٿاري رهيا آهيون ۽ آزادي ملڻ تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين. عالمي برادريءَ جي ضمير کي جنجهوڙينداسين ۽ انشاءَالله ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪندا رهنداسين. هنن چيو ته تازي پاڪ-ڀارت جنگ ڪانپوءِ اميد پيدا ٿي آهي ته ڪشمير جو مسئلو جلد حل ٿيندو ان کان پاڪ فوج ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هر فورم تي والاريل ڪشمير جو ڪيس وڙهيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هنن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ ڪمشنر آفيس ڪراچيءَ ۾ پاران يوم سياه ڪشمير جي موقعي تي ڪڍيل ريليءَ جي پڄاڻيءَ تي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب کي سنڌ جي سياحت ۽ ثقافت واري وزير سيد ذوالفقار شاهه، وڏي وزير جي صلاحڪار سيد نجمي عالم، ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس جي اڳواڻ محمد شفيع ڊار، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان کان اڳ ريلي پيپلز چورنگيءَ کان شروع ٿي.

بقايا *** 16

مهانگيون ٿي ويون آهن. قيمتن ۾ واڌ شهرين جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ضلعي انتظاميا ڪوشش جي باوجود قيمتون روڪڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي. لاهور ۾ بصر جي سرڪاري قيمت 195 روپيا ڪلو مقرر پر دڪاندار 250 ۾ وڪرو ڪري رهيا آهن. پٽاٽا 42 روپين ڪلو جي بجاءِ 70 روپين ڪلو، ٽماٽا 50 روپين جي اضافي سان 150 روپين ڪلو ٿي رهيا آهن. ڀينڊي 140 جي بجاءِ 200 روپين ڪلو تائين وڪرو ٿي رهيا آهن. مٽر 350 جي بجاءِ 450 کان 500 روپين ڪلو وڪامڻ لڳا. ميٿا ديسي 170 جي بجاءِ 250 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيا آهن.

بقايا *** 17

سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات جي دوران سنڌ ۾ صنعتي ترقي جي متعلق مختلف معاملن، خاص طور تي صنعتي نمائش جي منعقد ڪرڻ جي تجويز تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سنڌ حڪومت پاران مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريندي فرحت بشير کي صوبي ۾ صنعتي ترقي کي هٿي ڏيارڻ، صنعتي شعبي کي مستحڪم بڻائڻ ۽ معاشي ترقي لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران کنيل مختلف قدمن کان آگاهه ڪيو.

بقايا *** 18

موثر ڪردار ادا ڪن. هن اها ڳالهه ڪشمير ڪاري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 27 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي. صدر آصف علي زرداري چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع اسان کي ان افسوسناڪ ڏينهن جي ياد ڏياري ٿو جڏهن ڀارتي فوج سرينگر ۾ لٿي ۽ جمون ۽ ڪشمير جي تاريخ ۾ هڪ ڏکيو ۽ دردناڪ باب جي شروعات ٿي. هي ڏينهن ڪشميري عوام جي پراڻي امنگن ۽ خودمختياري جي حق جي بنيادي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي مسلسل جدوجهد جي حوالي سان اسان جي ڀرپور تائيد جو ورجاءُ آهي. صدر چيو ته گذريل 8 ڏهاڪن کان ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام تشدد، ڏاڍ ۽ بنيادي حقن جي سنگين خلاف ورزين جي ڪري شديد مصيبتون برداشت ڪيون آهن. ڪشميرين جي نسلن انصاف، وقار ۽ آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن. اٿوٽندڙ حالتن جي باوجود انهن جو حوصلو ۽ عزم پنهنجي نصب العين تي پختي وابستگي جو واضح ثبوت آهي. هن چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع کان وٺي ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان تڪرارن، پابندين ۽ بنيادي حقن کان محروم ٿي منهن ڏئي رهي آهي. بنيادي آزادين تي مسلسل پابنديون، فوجي موجودگيءَ ۾ نمايان اضافي، گرفتارين ۽ انساني حقن جي خلاف ورزين جون رپورٽون بدستور ڳڻتي جوڳيون آهن ۽ عالمي برادري جي مسلسل ڌيان جي ضرورت کي اجاگر ڪن ٿيون. هن چيو ته 5 آگسٽ 2019ع ڪانپوءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي جڏهن ڀارت هڪطرفي طور تي جمون ۽ ڪشمير جي آئيني ۽ قانوني حيثيت تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. صدر آصف علي زرداري چيو ته ڪشمير ڪارو ڏينهن رڳو ياد ڏيارڻ جو ڏينهن نه آهي پر اهو جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي پرامن ۽ منصفاڻي حل جي عزم جي ورجاءُ جو موقعو پڻ آهي. هن چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن، استحڪام ۽ خوشحالي جو ان پراڻي تڪرار جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب حل سان گهرو تعلق آهي. صدر عالمي برادري خاص طور تي گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن جي تنظيمن تي زور ڀريو ته اهي ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺن. ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ جي ڪوشش جي حمايت ڪن ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي، پرامن ۽ پائيدار حل جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته پاڪستان ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي اٽل اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو. اسان هر مناسب عالمي فورم تي ڪشميري عوام جو آواز بلند ۽ انهن جي جائز امنگن جي وڪالت ڪندا رهنداسين. صدر آصف علي زرداري چيو ته هن ڏينهن اسان ڪشميري عوام جي بي پناهه قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان يڪجهتيءَ جو ورجاءُ ڪريون ٿا. هن چيو ته پاڪستان، انصاف، امن، وقار ۽ انهن جي جائز خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي. هن چيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن جمون ڪشمير جي عوام پنهنجي امنگن موجب پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪري سگهندي ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار منصفاڻي ۽ پرامن حل طرف اڳرائي ڪندو.

بقايا *** 19

مي برادري والاريل جمون ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو نوٽيس وٺي ۽ گڏيل قومن جي قراردادن تي عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري. ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته 27 آڪٽوبر ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن ڀارتي قبضي ڪشميري عوام جي زندگين تي گهرا اثر ڇڏيا. هن چيو ته ڪشميري عوام جون قربانيون نه وسارڻ جوڳيون آهن ۽ سندن جدوجهد کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. سينيٽ چيئرمين چيو ته ڪشميري عوام کي گڏيل قومن جي قراردادن مطابق حق خودارادیت ملڻ گهرجي ته جيئن هو پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪري سگهن. عالمي برادري ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. هن چيو ته پاڪستان ڀارتي قدمن کي رد ڪري ٿو ۽ ڪشميري عوام جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو. پاڪستان ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل تائين ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل رهندو.

بقايا *** 20

دنيا جي سيني ملڪن ۾ تيل جا اگهه وڌي رهيا آهن. سڄي دنيا هنگامي صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي. تنهنڪري ايندڙ ٻن ٽن مهينن دوران اگهن ۾ واڌ جي رفتار بابت اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن ناهي.وفاقي وزير چيو ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته تيل جا اگهه گهٽ ٿين ۽ واڌ عام شهرين کي گهٽ متاثر ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير سفارتي ڪوششون شروع ڪيون آهن. جن جو مقصد خطي ۾ ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ ۽ تيل جا اگهه گهٽائڻ آهي. احسن اقبال چيو ته حڪومت ڪا به غيرذميواراڻي وک کڻڻ نه ٿي چاهي. جماعت اسلامي جي وفد کي حڪومت جي پيش ڪيل ايندڙ ڏکيائين کان آگاهه ڪيو ويو. جڏهن ته وفد پنهنجون تجويزون پڻ پيش ڪيون. هن ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو آهي ته هڪ گڏيل ڪميٽي جوڙي ويندي. جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ٽي ٽي ميمبر شامل هوندا. ڪميٽي سمورين تجويزن تي ويچار ڪري انهن کي آخري شڪل ڏيندي.

بقايا *** 21

مقصد سعودي عرب جون حالتون هيون. خيال آهي ته تهران ۾ ٽنهي ملڪن جي ملاقات ۾ اڳڀرائي ٿئي آهي. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته افسوسناڪ ڳالهه آهي ته حرمين شريفين تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، معاهدي جي تحت اسان تي به سعودي عرب جو دفاع لازمي آهي. دفاع واري وزير چيو ته ظاهر ٿي ويو آهي ته خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جي قدمن جا ثمر ملي رهيا آهن. فيلڊ مارشل ۽ وزيراعظم جي قيادت ۾ پاڪستان عالمي امن جي لاءِ ڪم ڪيو آهي. دفاع واري وزير خواجه آصف چيو ته اجلاس ۾ آمريڪا سان معاملن تي به ڳالهيون ٿيون. ايراني صدر مسعود پزشڪيان ۽ پرڏيهي وزير عباس عراقچي امن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن. لڳي ٿو ته اسان ڪنهن نتيجي تي پهچي ويا آهيون جنهن سان جنگ ختم ٿي ويندي. خواجه آصف پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي وڌيڪ چيو ته اهو امڪان به آهي ته ايران جا آمريڪا سان جنگ جي حل بابت نتيجا نڪري سگهن ٿا پر آمريڪا ۽ اسرائيل ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن. سياسي مقصد جي لاءِ جنگون نه ٿيڻ گهرجن.

بقايا *** 22

بجلي استعمال ڪرڻ تي ڇهن مهينن تائين اضافي چارجز ادا ڪرڻ واري معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. سينيٽ جي اجلاس ۾ بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي ٽيرف سبب صارفين تي پوندڙ بار بابت ڳالهائيندي عابد شير علي چيو ته جيڪڏهن بجلي جو استعمال هڪ يونٽ وڌڻ سبب 200 مان 201 يونٽ ٿي وڃي ٿو ته في يونٽ ٽيرف 15 روپين مان وڌي 30 روپيا ٿي وڃي ٿو. هن سوال ڪيو ته 201 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ صارف 400 يونٽن واري سليب جو بل ڪيئن ادا ڪندو؟ هڪ يونٽ وڌڻ تي توهان غريب عوام خلاف ڪيس ناهي ڇڏيندا آهيو. توهان غريب ماڻهوءَ جو ڇهن مهينن تائين رت چوسيندا آهيو. عابد شير علي جي ڌيان ڇڪايو نوٽيس جي جواب ڏيندي اويس لغاري چيو ته 200 يونٽن کان هڪ يونٽ وڌيڪ بجلي استعمال ڪرڻ تي ڇهن مهينن تائين اضافي چارجز ادا ڪرڻ واري معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ ممڪن آهي ته 200 يونٽن جي حد وڌائي 250 يونٽ ڪئي وڃي. هن چيو ته 200 يونٽن کان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙن جو انگ وڌي ٻه ڪروڙ تائين پهچي ويو آهي. 200 يونٽن کان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙ سيني صارفين کي رعايت ڏيڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ اهڙا ماڻهو به شامل آهن. جن وٽ سولر سسٽم لڳل آهن ۽ سولر جي استعمال سبب سندن بجلي جا يونٽ گهٽ ٿين ٿا. اويس لغاري جو چوڻ هو ته غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ صارفين کي اهڙي رعايت مان فائدو پهچايو ويندو.

بقايا *** 23

ڏينهن ملهايو ويو. ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو ورجاءُ جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (جي ايس ايم يو) ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي حق خودارادیت جي مرڪزي اهميت ڏيندي، شاگردن جي معاملن واري شعبي پاران ڪشمير سان يڪجهتيءَ جو پروگرام ۽ ڊجيٽل پوسٽر مقابلو منعقد ڪيو ويو ان جو مقصد مسئلي ڪشمير کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ هو.پروگرام ۾ تقريرون، ڪشميري قومي گيت ۽ ڪشمير جي دستاويزي فلم جي نمائش شامل هئي. جنهن ذريعي ڪشميري عوام جي ڪيسن ۽ ٻين ايندڙ ڏکيائين کي اجاگر ڪيو ويو. جي ايس ايم يو جي وائيس چانسلر پروفيسر امجد سراج ميمڻ ڪشميري عوام سان يونيورسٽيءَ جي يڪجهتيءَ جو ورجاءُ ڪندي، سندن حق خودارادیت کي تسليم ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو.

بقايا *** 24

چوڪ انڊر پاس پراجيڪٽ جو دورو ڪيو ۽ جاري اڏاوتي ڪم جي رفتار ۽ اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو. گهرو وزارت پاران جاري بيان مطابق دوري دوران وفاقي وزير انڊر پاس جي مختلف حصن، خاص ڪري لينٽر ۽ آسپاس جي پٽين تي جاري ڪم جو معائنو ڪيو ۽ اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي محسن نقوي جو چوڻ هو ته انڊر پاس لاءِ لينٽر ۽ پٽين تي اڏاوتي ڪم جي رفتار ڏسي خوشي ٿي آهي. هن چيو ته جهڙي طرح رفتار سان ڪم جاري آهي، جيڪڏهن اهو تسلسل برقرار رهيو ته هي اهم منصوبو 30 ڏينهن کان به گهٽ عرصي جي رڪارڊ وقت ۾ مڪمل ڪيو ويندو.

بقايا *** 25

جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي عوام سان پاڪستان جي پختي يڪجهتي جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي. ته پاڪستان ڪشميري عوام جي خودارادیت واري حق لاءِ ان جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو. ان موقعي تي پيغام ۾ هن چيو ته ڪشميري عوام ڏهاڪن کان تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، انهن تڪليفن پٺيان اهڙا خاندان آهن جيڪي پنهنجي پيارن جي جدائي جو غم سهي رهيا آهن. اهڙا ٻار آهن جيڪي خوف جي ماحول ۾ پلجي رهيا آهن. ۽ اهڙا نسل به آهن جيڪي اڄ به انصاف جي منتظر آهن. هن چيو ته ڪشميري عوام جو آواز عالمي سطح تي ٻڌڻ گهرجي. انهن جي بنيادي وقار کان تحفظ ۽ انهن جي امنگن جو احترام ڪرڻ گهرجي. ڪشميري مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ ڪشميري عوام جي جذبن ۽ خواهشن کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ڪشميري عوام جي جائز خواهشن جي احترام ۽ ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ عالمي برادري جي ڌيان ۽ ڪردار اهميت رکي ٿي.

بقايا *** 26

مجد حسين آزاد کي صحت جي سهولتن کي بهتر بنائڻ، روينيو نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ گلگت بلتستان ۾ ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ گهرن جي ٻيهر تعمير ۾ سنڌ حڪومت جي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو. اهو اتفاق ٻنهي وڏن وزيرن جي وچ ۾ سي ايم هائوس ۾ هڪ ملاقات دوران طئي ٿيو جتي هنن گڏيل دلچسپي جي مختلف شعبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ سنڌ ۽ گلگت بلتستان جي وچ ۾ ادارتي سهڪار کي مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ملاقات ۾ سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار، خاص مددگار سيد قاسم نويد، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي چيئرمين ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد، صحت سيڪريٽري طاهر سانگي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جي پروفيسر ڊاڪٽر اسد بلال شرڪت ڪئي. ملاقات دوران گلگت بلتستان جي وڏي وزير پنهنجي صوبي جي دل جي اسپتال ۾ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کان مدد گهري. ان درخواست تي

بقايا *** 27

ايف آءِ اي ڪائونٽرن تي مسافرن جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي اختيارين موجب سسٽم ويهي رهڻ سبب مسافرن جي اميگريشن جو عمل عارضي طور معطل ٿي ويو. اختيارين ٻڌايو ته ايف آءِ اي جو اميگريشن سسٽم ملڪ جي سيني ايئرپورٽس تي هڪ ئي وقت معطل ٿيو. اميگريشن سسٽم بند ٿيڻ سبب بين الاقوامي اڏامن جي روانگي به متاثر ٿي. ايئرپورٽ اختيارين موجب تقريباً هڪ ڪلاڪ معطل رهڻ ڪانپوءِ ايف آءِ اي جو اميگريشن سسٽم آهستي آهستي بحال ٿي ويوايف آءِ اي اختيارين رابطي جي باوجود اميگريشن سسٽم معطل ٿيڻ جي سببن کان آگاهه نه ڪيو. ذريعن موجب ٻه هفتا اڳ به جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ايف آءِ اي جو اميگريشن سسٽم ويهي رهيو هو.

بقايا *** 28

سپلاءِ اسڪيمن لاءِ جامع رٿا تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ڊپٽي ڪمشنر متياري کي باضابطه خط لکي ستن ڏينهن اندر تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي وئي آهي. صوبائي وزير جي متياري جي تازي دوري دوران مختلف عوامي مسئلن تي غور ڪيو ويو. جن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي خاص اهميت ڏني وئي. سندس هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر متياري کي موڪليل خط ۾ لاڳاپيل عملدارن ذريعي فوري قدم کڻڻ ۽ جامع رٿابندي ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. مخدوم محبوب الزمان ضلعي ۾ لڳل آر او پلانٽن جي اڪثريت غيرفعال هجڻ جي اطلاعن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي. هن چيو ته حڪومت ماضي ۾ انهن منصوبن تي وڏي رقم خرچ ڪئي آهي. تنهن ڪري انهن عوامي اثاثن جي بحالي ۽ مستقل طور فعال رهڻ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. خط ۾ هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا *** 29

ي کي فروغ ڏيڻ، ميڊيا تعاون، حقيقتن تي ٻڌل معلومات جي متاسنا، واپار ۽ سيڙپڪاري، گڏيل تحقيق ۽ ثقافتي رابطن کي سگهه ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. سي پيڪ جي پهرين مرحلي اسان جي زمينن کي ڳنڍيو جڏهن ته اڳيون مرحلو اسان جي ذهنن کي ڳنڍيندو. جيڪڏهن سي پيڪ اسان جي گڏيل مستقبل جو جسم آهي ته چين پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور ان جو آواز هوندو. صدر شي جن پنگ اسان کي گڏيل مستقبل جو ويزن ڏنو. وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان کي ان تائين پهچڻ جا ذريعا فراهم ڪيا. نوجوانن جي هٿن ۾ ليپ ٽاپ ۽ پاسپورٽ آهي ۽ سمارٽ فون هڪ منڊيءَ آهي. ڊيجيٽل دور ۾ رابطو طاقت ۽ بيانيو خودمختياري آهي. چين پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور چار بنيادي ٿنڀن ميڊيا، واپار ۽ ڪاروباري ادارا، ٿنڪ ٽينڪس ۽ ثقافت، سياحت ۽ نوجوانن تي ٻڌل آهي. پاڪستان ۽ چين گڏيل مستقبل جي تعمير، ڊيجيٽل معيشت جي فروغ ۽ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ گڏجي اڳتي وڌندو رهندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن

بقايا *** 30

۾ ڪرڻ سان گڏ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، جتي عورتن کي عزت، تحفظ ۽ برابر موقعن سان معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهن. هن چيو ته حڪومت گهريلو ۽ زرعي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن سميت سمورن پورهيتن جي حقن جي تحفظ کي اهميت ڏئي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گڏيل قومن جي صنعتي ترقيءَ واري اداري يورپي يونين ۽ PAIDAR منصوبي جي سهڪار سان ڪراچيءَ جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيل ٻن ڏينهن واري "شي وولوشن 3.0" ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ واري اجلاس کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. ڪانفرنس جي موقعي تي سنڌ ڪرافٽ بازار ۽ نمائش جو پڻ اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ عورتن جي ڪاروبارن، هنرمنديءَ ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ويو. سعيد غني ڪانفرنس، بازار ۽ نمائش جي اهتمام تي صاحبزادي ماهين خان ۽ وومين چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ڪورنگي ڪراچيءَ جي قيادت کي ساراهيو. هن پاڪستان ۾ يورپي يونين جي وفد جي ڳوٺاڻي ترقي ۽ غذائيت بابت صلاحڪار ڪارلو دي روزا، وومين اِن بزنس نيٽ ورڪ جرمني جي سيڪريٽري جنرل بسنت هلمي، UNIDO_PAIDAR جي انچارج ۽ پروگرام ليڊ بدرالاسلام، فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي سينيئر نائب صدر ۽ بي ايم پي جي چيئرمين ثاقب فياض مگنون، عالمي وفدن، سرڪاري ادارن جي نمائندن، ڪاروباري تنظيمن، خانگي شعبي، سول سوسائٽي، ترقياتي ڀائيوارن، ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن سان لاڳاپيل ماڻهن، عورتن جي ڪاروباري اڳواڻن ۽ هنرمند عورتن جي شرڪت کي ساراهيو.

بقايا *** 31

ر تي ڀارتي قبضي کي 78 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي ڪلاڪ ٽاور کان يڪجهتي واڪ جي شروعات ڪئي وئي، جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي مين گيٽ تي پڄاڻي تي پهتي، واڪ ۾ پرنسپال ڊائو ميڊيڪل ڪاليج پروفيسر ۽ ڊائو انٽرنيشنل ميڊيڪل ڪاليج جي مين گيٽ کان سينٽرل ڪيفيٽيريا تائين يڪجهتي واڪ ڪئي وئي، جنهن ۾ پرنسپال ڊائو انٽرنيشنل ميڊيڪل ڪاليج ڊاڪٽر عظميٰ بخاري، ڊاڪٽر خورشيد سمون، پروفيسر اسما فيصل، ڊاڪٽر طارق فرمان ۽ ٻين شرڪت ڪئيان موقعي تي ٻنهي ڪيمپسز ۾ واڪ جي شرڪت ڪندڙن لاءِ پنهنجي پيغام ۾ وائيس چانسلر پروفيسر نازلي حسين چيو ته پاڪستاني ڪشمير جي جنت نظير وادي تان ڪنهن به صورت ۾ دستبردار نه ٿيندا. ڀارت ستن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان ڪشميرين جا حق غصب ڪري ويٺو آهي.

بقايا *** 32

ٿهن جي ڪيسن ۾ واڌاري تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کي معاملن جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪيئيعدالت ريمارڪس ڏنا ته شهر ۾ لاپتا ماڻهن جا ڪيس ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن ۽ هي معاملو انتهائي حساس نوعيت اختيار ڪري چڪو آهي. پنهنجن پيارن جي گمشدگيءَ سبب متاثر خاندان سخت نفسياتي صدمن مان گذرن ٿا. عدالت وڌيڪ ريمارڪس ڏنا ته اهڙن ڪيسن ۾ تفتيشي آفيسر جي غيرحاضري سندس ذميواريءَ بابت سوال اٿاري ٿيعدالت ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز کي لاپتا ماڻهن جي معاملن جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي. ٻڌڻي دوران تفتيشي آفيسر رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته گڏيل تحقيقاتي ٽيم (جي آءِ ٽي) ناهڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان خط و ڪتابت ڪئي وئي آهي

بقايا *** 33

ڪتوبر ريٽرن جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ آهي، جنهن ڪانپوءِ 1 نومبر کان دير ڪندڙن تي ڏنڊ لاڳو ٿيندو. ذريعن موجب 1 نومبر کان ليٽ فائلر جي ڪيٽيگري ختم ڪري فائلر جو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته مقرر تاريخ تائين ريٽرن جمع نه ڪرائيندڙن تي ليٽ فيس بدران نان فائلر تي مقرر ڏنڊ لاڳو ٿيندو.ذريعن موجب انفرادي ٽيڪس ريٽرن دير سان جمع ڪرائڻ تي ڏنڊ هڪ هزار روپين کان وڌائي 25 هزار روپين تائين ڪيو ويندو.

بقايا *** 34

ارين؟ وڃي درخواست داخل ڪرائين. پارٽي کي اڳتي اچڻ گهرجي. خانگي ٽي وي چينل جيو نيوز موجب سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجا ناصر عباس چيو آهي ته ڪيترائي ماڻهو چاهيندا هئا ته عمران خان جون ڀينرون خاموش رهن ۽ ڪجهه نه ڳالهائين. پر هاڻي خيبرپختونخوا ۾ حڪومت ڪيرائي وئي آهي.

بقايا *** 35

ڪارڪردگيءَ جي دعوائن کي رد ڪندي پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل (پي ايم ڊي سي) کي تفصيلي جواب موڪلي ڇڏيو آهي سنڌ جي صحت کاتي موجب، ايم ڊي ڪيٽ جا نتيجا ڪراچي جي اميدوارن جي خراب ڪارڪردگيءَ جي تصديق نٿا ڪن. بلڪ انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪراچي ڊويزن صوبي جي ٻين ڊويزنن جي ڀيٽ ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري آهيصحت کاتي پاران پيش ڪيل انگن اکرن موجب، سڄي سنڌ مان 33,336 اميدوار امتحان ۾ شريڪ ٿيا. خط ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪراچي ڊويزن جي 9,505 اميدوارن مان 66.98 سيڪڙو 90 يا ان کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪيا. جڏهن ته 57.78 سيڪڙو اميدوارن 99 يا ان کان وڌيڪ نمبر کنيا. ڪراچي ڊويزن جي اميدوارن جو سراسري نمبر 107.67 رهيابين ڊويزنن ۾ سکر جي 55.04 سيڪڙو، لاڙڪاڻي جي 54.50 سيڪڙو، شهيد بينظير آباد جي 53.62 سيڪڙو ۽ حيدرآباد جي 52.34 سيڪڙو اميدوارن 90 يا ان کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪيا. خط موجب، ڪراچي جا سمورا ضلعا صوبي جي بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ نون ضلعن ۾ شامل رهيا سنڌ جي صحت کاتي چيو آهي

بقايا عوامي سوچ 01

ي الزام هنيو تہ سندس اڳ چاول پٽن ياسين پنهور ۽ غلام مصطفيٰ پنهور، پنهنجي مامي محمد شريف پنهور ۽ سندس پٽن اسلم پنهور ۽ سليم پنهور سان گڏجي سندن گهر ۾ گهڙي کين تشدد جو نشانو بڻايو ڌمڪيون ڏنيون ۽ گهر سميت 18 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪري کين زبردستي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. الله ورايو پنهور جو چوڻ هو تہ سندس پٽ غلام مصطفيٰ پنهور پرڏيهہ ۾ رهندو آهي، جڏهن تہ مخالف ڌر جا ڄاڻايل ماڻهو کيس، سندس زال ۽ پٽ کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب سندن خاندان سخت خوف ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي. احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ ياسين پنهور، غلام مصطفيٰ پنهور، محمد شريف پنهور ۽ سندس پٽن اسلم پنهور ۽ سليم پنهور خلاف الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ سندن گهر ۽ زمين بابت انصاف ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

ويس اياز سيفي چارڻ جي ٻن ڪتابن "سرڪارِ مدينہ" ۽ "ديدار مدينہ" جي مهورت جي موقعي تي شاندار مشاعرو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ شاعرن، اديبن ۽ ادب دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي صدارت ناميارِي شاعر خيال ڪتري ڪئي، جڏهن تہ رجب ٻگهيو مهمان خاص هو. تقريب دوران ٻنهي ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي ۽ سنڌي ادبي سنگت دادو پاران اياز سيفي چارڻ کي "بهترين نعتيہ شاعر ايوارڊ" ڏنو ويو. غلام مصطفيٰ، خادم فقير ۽ اميد سنڌي ڪتابن جي علمي، ادبي، فني ۽ فڪري پهلوئن تي مقالا پڙهيا، جڏهن تہ مشاعري ۾ شاعرن نعتون، غزل، وايون، نظم ۽ ڪافيون پيش ڪري حاضرين کان ڀرپور داد حاصل ڪيو. صدارتي خطاب ڪندي خيال ڪتري چيو تہ اياز سيفي چارڻ جي شاعريءَ ۾ مديني پاڪ سان محبت سان گڏ ڌرتيءَ جي ايندڙ نسلن لاءِ فڪري ۽ ادبي ورثو پڻ موجود آهي، جنهن مان هر دور جا ماڻهو لاڀ حاصل ڪندا.

بقايا عوامي سوچ 03

ر صوبائي وزير پير مظهرالحق، پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي دادو جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد حسين ڏاوچ، غلام حيدر ڪوسو ۽ عبدالستار وسطڙو اج هالا پهچي اڳوٽي ڊي او روينيو دادو قمرالدين ميمڻ جي وفات تي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي، ان موقعي تي هنن مرحوم جي پونئرن سان ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت، بلند درجات ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعا گهري، جڏهن تہ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي. الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس پونئرن کي هي ڏک برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.

بقايا عوامي سوچ 04

حمد موسي خاصخيلي غلام حسين خاصخيلي رياض قايم خاني اعجاز نبي قايم خاني سميت سوين آبادگارن پريس ڪلب اڳيان پاڻي نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو تہ ڪورٽ سگهوري جي حڪم تي ايس ڊي او سليم نارايي داروغو انور علي ڪوسو قانون موجب واٽر نهرايا جڏهن تہ مبينا ايف او چيئرمين جي حڪم تي ايف او جي سموري ٻاڌي اهي واٽر ڪورس توڙايي ڇڏيا جنهن جي ڪري پوڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي نہ پيو پهچي هنن مطالبو ڪيو تہ ايف او چيئرمين ۽ سموري ٻاڌي ڪورٽ سگهوري جي آڊر کي ٽڏي توهين عدالت ڪيي آهي جنهن خلاف قانون ڪاروايي ڪيي وڃي ۽ ايف او ختم ڪري ايريگيشن حوالي ڪيي وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ ڊاييريڪٽر آفيس سامهون ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو جڏهن تہ ريلي ۾ سوين آبادگارن شرڪت ڪري ايف او خلاف سخت نعريبازي ڪيي

بقايا عوامي سوچ 05

سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول نئون ڪوٽ ۽ ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ جي اهتمام هيٺ نڪتل ريلي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ کان شروع ٿي، جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي مين بس اسٽاپ نئون ڪوٽ پهچي پڄاڻيءَ تي پهتي. ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي ڪشمير جي آزادي ۽ ڪشميري عوام جي حقن جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي شاگردن ۽ استادن پنهنجي شرڪت ذريعي ڪشميري عوام سان همدردي ۽ يڪجهتيءَ جو پيغام ڏنو. ريليءَ دوران ايس ايچ او نئون ڪوٽ سيد الطاف شاہ پڻ پوليس عملي سميت موجود رهيو، جڏهن تہ نئون ڪوٽ پوليس پاران ريليءَ جي حفاظت ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. ريلي پُرامن ماحول ۾ مين بس اسٽاپ نئون ڪوٽ تي پڄاڻيءَ تي پهتي.

بقايا عوامي سوچ 06

ي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو عبدالرزاق خاصخيلي عبدالحميد ڪوسو تلوڪچند پيل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اج 27 آڪٽوبر تي ڪشمير بليڪ ڊي ملهايو پيو وڃي. هي ڏينهن 27 آڪٽوبر 1947 ع تي جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي پهچڻ ۽ قبضي خلاف احتجاج طور ملهايو ويندو آهي. ڪشمير بليڪ ڊي ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام جي جدوجهد ۽ قربانين کي ياد ڪرڻ، سندن حق خودارادِيت جي حمايت ڪرڻ ۽ ڪشمير جي مسئلي ڏانهن عالمي برادري جو ڌيان ڇڪائڻ آهي. هنن دفاع پاڪستان ونگ جي پليٽ فارم زريعي مطالبو ڪندي چيو آهي تہ ڪشمير جي مسئلي جو حل گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب پرامن طريقي سان ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 07

تايين ريلي ڪڍي وئي ريلي کان اڳ جيم خانا بدين ۾ تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو تہ 27 آڪٽوبر 1947 ع تي مقبوضہ جمون و ڪشمير جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي جڏهن ڀارت غيرقانوني طور تي پنهنجي فوج ولاريل ڪشمير ۾ داخل ڪري رياست جمون و ڪشمير تي پنهنجو تسلط قائم ڪري ورتو اجوڪي ڏينهن هر سال ڪشميري ۽ پاڪستاني ڀارت جي اهڙي غيرقانوني قدم کي ڪاري ڏينهن طور ملهائن ٿا پاڪستاني قوم ڪشميري عوام جي قربانين کي سلام پيش ڪري ٿي ۽ ان کي يقين ٿا ڏياريون تہ انهن جي حق خودارادت جي لاءِ سياسي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکي ويندي اسان جون دعائون ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهن تقريب ۾ ٻارن ۽ نوجوانن جي پارليامينٽ سي ايند اي پي اپوزيشن ليڊر زينب سمون ۽ ٻين اسڪول جي شاگرديائين پاران ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ تقريرون ملي نغمہ ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي تقريب ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ڪاشف رضا منگي، وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منڊرو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم عباس خواجہ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اشوڪ ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر دودو چانڊيو، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دلپت، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري رائو شاهد راجپوت، ڊپٽي ڊي اِي او پرائمري محرم پنهور، ڊي آئي بي انچارج محمد خان سومرو، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايچ آئي بدين اي طاهر لاشاري، سول سرجن ڊاڪٽر امتياز ميمڻ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن دين محمد ڏيرو، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر عبدالفتاح جوٽيجو، تعليم کاتي جو فوڪل پرسن محمد خان سمون، ڊسٽرڪٽ اسڪائوٽ انچارج مير محمد ڪوسو، پروگرام مينيجر ايل ايچ ڊي پي ساوڻ خاصخيلي سميت تعليم، صحت، پوليس، روينيو ضلعي جي سرڪاري غيرسرڪاري تنظمين، اين جي اوز، ميڊيا، اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي هر طبقي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 08

اجاڙ خلاف جوهي جي سُڄاڻ ڏرين پاران مخدوم بلاول پارڪ کان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ڪامريڊ قربان ڪوڪر، شاعر خليل عارف سومرو، امين وگهيو، هاشم ڪوسو، تنوير رستماڻي، زاهد حسين باهوتو، سونو خان وگهيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪندي دانهيو آهي تہ ڪاڇي مان روزانو بنياد تي لاتعداد ٽريڪٽر ٽراليون ۽ ڪنٽينر پرچي نڪرن ٿا، هنن چيو تہ وڻن جي واڍي سان گرمي پد ۾ حيرت ناڪ حد ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن وڻ جيڪي برساتون آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن مگروڻن جي واڍي سبب برساتون نہ پوڻ سبب ڪاڇي ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، هنن چيو تہ ضلع عمدارن کي احتجاجن وسيلي ٻڌايو آهي تہ وڻن جي واڍي سبب سچو ڪاڇو ٽوڙهو ٿي سونهن وڃائي وينو آهي هنن چيو تہ وڻن جي غير قانوني واڍي پوليس جي سرپرستي هيٺ جاري آهي پوليس پڪٽن تان عملدارن کي ڀتو ملڻ بعد ٽراليون سرعام روڊن تان گذري رهيون آهن ضلع اندر ٻيلي کاتي جي موجودگي هوندي بہ ڪٿي بہ وڻن جي حفاظت ناهي ٿي نہ ئي ٻيلي کاتي وڻن جي غير قانوني واڍي خلاف ڪاروائي ڪئي آهي نہ ئي ڪٿي ٻوٽا پوکيا آهن هنن مطالبو ڪيو آهي تہ وڻن جي واڍي روڪرائي ڪاڇي جي فطري سونهن سان هٿ چراند بند ڪرائي وڃي ۽ غير قانوني واڍي ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 09

جي حوالي سان هڪ ريلي اسڪول جي سينئر هيڊ ماسٽر محمد عثمان شيخ جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي، جنهن ۾ اسڪولي شاگردن ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪري پاڪ فوج جي حق ۾ نعريبازي ڪئي، ريلي کي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماسٽر محمد عثمان شيخ چيو تہ هن ريلي ڪڍڻ جو مقصد والاريل جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ جو 1947 ع ۾ هن ڏينهن تي ڀارتي فوجون جمون ۽ ڪشمير ۾ داخل ٿي قبضي جي شروعات ڪئي، ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام جي قربانين ۽ حقِ خودارادِيت جي حصول لاءِ سندن مسلسل جدوجهد کي اجاگر ڪرڻ آهي. هن چيو تہ ڪشمير ۾ ڀارتي فورسز ڪشميري عوام تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائي انهن جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو اهي، هن گهر ڪئي تہ ڪشميرين کي پنهنجا جائزحق ڏيئي انهن کي آزادي سان رهڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 10

عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حمايت جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو ٻئي پاسي سجاول ۾ سماجي بهبود کاتي پاران کي بي ڀهراڻي جي اڳواڻي ۾ ڪشميرين سان ٻڌي جي اظهار لاءِ پٽڻ ناڪي وٽ ريلي ڪڍي وئي هن موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد والاريل ڪشمير ۾ ڪشميري عوام کي پيش ايندڙ ڏکيائين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ۽ عالمي برادري کي ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل جي اهميت جو احساس ڏيارڻ هو هنن مطالبو ڪيو تہ ڪشمير ۾ قابض ڀارتي فوج کي هٽائي ڪشميرين کي بنيادي حق ڏنا وڃن

بقايا عوامي سوچ 11

سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ سندن حق خودارادِيت جي حمايت جو ورجاءُ ڪرڻ هو اَن موقعي تي ضلعي سيڪريٽريٽ ۾ ڪشمير تڪرار دوران پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙن جي ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. ان کان پوءِ ڊسٽرڪٽ اسپتال مٽياري کان مٽياري پريس ڪلب تائين يڪجهتي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي شرڪت ڪندڙن چيو تہ پاڪستان ۾ هر سال 27 آڪٽوبر تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو آهي، جنهن جو مقصد 27 آڪٽوبر 1947 ع تي سري نگر ۾ ڀارتي فوج جي جارحيت جي ياد تازي ڪرڻ آهي. پاڪستان ۾ ان واقعي کي مسئلي ڪشمير جي حوالي سان هڪ اهم موڙ تصور ڪيو ويندو آهي. هنن چيو تہ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام جي تڪليفن ۽ ڏکن کي اجاگر ڪرڻ، پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حمايت ڪرڻ آهي. سري نگر ۾ ڀارتي فوج جي تعناتي کي 79 سال مڪمل ٿي ويا آهن. جمون ۽ ڪشمير جو تڪرار پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ آهي. ريلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (II)امجد جمالي، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالوهاب ميمڻ، ڊي او پرائمري اقبال ميمڻ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مٽياري زاهد صدر ۽ ٻين آفيسرن ۽ عملي شرڪت

بقايا عوامي سوچ 12

ن تاج محمد وساڻ جو جنم ڏينهن محبتن سان ملهايو ويو سچل ڳوٺ جي اهم سماجي ۽ سياسي شخصيت، صفوران ٽائون يوسي 3 سچل جي چيئرمين، عوامي خدمت جو روشن مثال، پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ جي جنم ڏينهن جي خوشي ۾ مختلف علائقن ۽ سوشل ميڊيا سميت. سچل ڳوٺ بلاڪ G ڪميٽي پاران بہ هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ علائقي واسين، معززين، نوجوانن ۽ دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي محبوب اڳواڻ سان والهانہ محبت جو اظهار ڪيو. تقريب جي شروعات جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪاٽڻ سان ڪئي وئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن تاج محمد وساڻ کي گلن جا هار پارايا، اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ۽ دل جي گهراين سان جنم ڏينهن جون مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي علائقي واسين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ هڪ عظيم انسان، بهترين سياستدان ۽ عوامي درد رکندڙ اڳواڻ آهن. جيڪي هميشہ غريبن، مسڪينن ۽ علائقي جي ترقي لاءِ اڳيرا رهيا آهن. سندن سادگي، خلوص ۽ عوام دوستي ئي سندن اصل سڃاڻپ آهي. وڌيڪ سماجي اڳواڻ تاج محمد وساڻ تقريب ۾ آيل تمام دوستن، بزرگن ۽ علائقي واسين جا ٿورا مڃيندي چيو تہ اوهان جي محبتن ۽ ساٿ جو مان سدائين مقروض رهندس ۽ عوام جي خدمت جو هي سفر اهڙي طرح جاري رهندو. تقريب جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ علائقي جي خوشحالي لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 13

ليس مقابلي ۾ مارجي ويل لاڙڪاڻي واسي نديم شيخ جي وارثن پاران مقابلي جڙتو قرار ڏيندي جاچ ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي. ان ڏس ۾ ڪالہ لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسي ايڊووڪيٽ فياض شيخ لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ گذريل 23 سيپٽمبر جي ڏينهن نامعلوم پوليس اهلڪارن درزڪو ڪم ڪندڙ منهنجي پورهيت ڀاءُ نديم شيخ کي رتوديرو جي مقامي عدالت مان حاضري تان واپسي دوران زبردستي ڪنيي ڪٽي ويا، اهڙو اطلاع مان حد جي رتوديرو ٿاڻي تي ڏنو پر پوليس واقعي کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي، جنهن بعد مان مقامي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي، جنهن تي عدالت سگهوري واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پر ان باوجود رتوديرو ٿاڻي جي ايس ايچ او امام الدين چانڊيو ڪيس داخل نہ ڪيو، جنهن کان پوءِ گهوٽڪي جي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس گذريل 13 آڪٽومبر تي ڀاءُ جي گرفتاري ظاهر ڪندي ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو، جتي سکر پوليس ڀاءُ جو ڪيترائي ڀيرا ريمانڊ ورتو، هن الزام لڳايو تہ گذريل 22 آڪٽومبر تي ريمانڊ دوران ايس ايس پي سکر جي چوڻ تي ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس منهنجي ڀاءُ نديم شيخ کي ڪوڙي مقابلي ۾ سيني ۾ 5 گوليون هڻي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي، ان دوران پوليس ڀاءُ متعلق هڪ وڊيو جاري ڪئي تہ هو سکر جي هڪ پيٽرول پمپ تان ڦر ڪري رهيو آهي، جنهن دوران هڪ جٿو قتل پڻ ٿيو هو. آئون ان وڊيو کي مڪمل طور تي رد ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ وڊيو ۾ ڄاڻايل شخص منهنجو ڀاءُ نہ آهي ۽ هي سڀ پلان ٿيل هو بس منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ لاءِ اهڙو ڊرامو رچايو ويو آهي، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي تہ معاملي جي عدالتي جاچ ڪرائي جڙتو مقابلي ۾ ملوث اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪري ڀاءُ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

تي موجود ڊاڪٽر پاران سندس موت جي تصديق ڪئي وئي اطلاعن موجب نوجوان روزگار لاءِ ٻہ ڏينهن اڳ تلهار شهر جي مرغي فارم تي ڪم ڪرڻ لاءِ آيو هو جتي رات دير سان پاڻي واري موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ضروري ڪاروائي ڪانپو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو نوجوان جي اوچتي وڇوڙي سبب گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 15

وينديون، تہ جيئن نوجوانن کي صحتمند ۽ تعميري سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن. لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ II چيو تہ ضلعي انتظاميا نوجوانن کي راندين، ثقافتي پروگرامن ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي. هن چيو تہ اهڙن قدمن سان نوجوانن ۾ مثبت سرگرمين کي هٿي ملندي ۽ سماجي سهڪار کي پڻ هٿي حاصل ٿيندي. امجد جمالي ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي پنهنجي ٽائون ۾ کليل ڪچهريون منعقد ڪن. جيئن شهرين کي درپيش بنيادي شهري ۽ سماجي مسئلن جو ازالو ڪري سگهجي. هن لاڳاپيل کاتن وچ ۾ اثرائتي رابطي ۽ سهڪار جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو تہ عوامي شڪايتون ٻڌڻ سان گڏ انهن جو بروقت حل پڻ يقيني بڻايو وڃي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ II لاڳاپيل اختيارين کي وڌيڪ هدايت ڪئي تہ ٽائون لائبريرين کي گهربل سهولتن ۽ تعليمي وسيلن سان ليس ڪري مڪمل طور فعال بڻايو وڃي، جيئن نوجوانن ۾ مطالعي جي عادت پيدا ٿئي ۽ کين علمي مواد تائين رسائي حاصل ٿي سگهي. هن نوجوانن جي علمي ۽ فڪري واڌ ويجهہ ۽ مثبت تعليمي ماحول جي فروغ ۾ لائبريرين جي اهميت کي اجاگر ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر اسپورٽس، ٽائون آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 16

ي مجبور بڻيل. مريضن پاران وس وارن کان دوائن جي کوٽ ختم ڪري کين سرڪاري دوائون فراهم ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي اهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب سول اسپتال مڪلي ۾ مريضن کي دوائن جي حوالي سان پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان السلي ۾ مريضن شڪايتون ڪيو آهن تہ اسپتال جي سرڪاري اسٽور تان صرف ڊرپ ۽ ڪينولا ملن ٿيون. جڏهن تہ باقي دوائون خانگي ميڊيڪل اسٽورن تان خريد ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو جيڪي سوائون کين مهنگيون ملن ٿيون. هن چيو تہ غريب ۽ مسڪين مريض جيڪي علاج لاءِ سرڪاري اسپتال جو رخ ڪن ٿا. تن کي دوائن لاءِ پنهنجي کيسي مان پئسا خرچ ڪرڻا پون ٿا، جنهن سبب هو سخت مالي مشڪلاتن جو شڪار ٿين ٿا. هنن اعليٰ اختيارين ڊي سي ٺٽو ۽ صحت کاتي کان مطالبو آهي تہ سول اسپتال مڪلي ۾ دوائن جي فراهمي بابت شڪايتن جو نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي مريضن کي سرڪاري سطح تي مفت دوائون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن مريض وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 17

ڪئمپس ٺٽي پاران بريسٽ ڪينسر (ڇاتي جي ڪينسر) بابت عوام ۾ شعور ۽ ڄاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو. جنهن کي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر فتح محمد مري، پرو وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ٺٽو پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي، ضلعي اليڪشن ڪمشنر سيده حميرا، ڊاڪٽر سرور شيخ، پروفيسر هارون بڪاري، حسن، گوهر جاکرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ بريسٽ ڪينسر دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙجندڙ بيمارين مان هڪ آهي، جنهن سبب هر سال لکين عورتون متاثر ٿين ٿيون. جڏهن تہ بروقت سڃاڻپ ۽ مناسب علاج ذريعي هن مرض کي شڪست ڏيڻ ممڪن آهي. هنن چيو تہ بريسٽ ڪينسر بابت سماجي سطح تي آگاهي پيدا ڪرڻ، عورتن کي طبي معائني جي اهميت کان آگاهہ ڪرڻ ۽ مرض جي شروعاتي علامتن کي نظرانداز نہ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو تہ دنيا ۾ لڳ ڀڳ 24 لک ماڻهو بريسٽ ڪينسر کان متاثر ٿيا. جڏهن تہ سال 2024 ع دوران هن مرض سبب 6 لک 94 هزار مريض فوت ٿيا، هنن چيو تہ اهي انگ اکر ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ بريسٽ ڪينسر بابت جاڳرتا مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ صحت جي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ عورتن کي پنهنجي صحت بابت بي ڊپائي ڪرڻ بدران باقاعده طبي معائنو ڪرائڻ گهرجي، جڏهن تہ ڇاتي ۾ ڳوڙهي، غيرمعمولي تبديلي يا ٻين علامتن جي صورت ۾ بنا دير ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ گهرجي. بيماري جي شروعاتي مرحلي ۾ تشخيص ٿيڻ سان علاج جا امڪان بهتر ٿي سگهن ٿا. سيمينار جي پڄاڻيءَ تي مقررين ان عزم جو اظهار ڪيو تہ تعليمي ادارن سميت سماج جي هر شعبي کي بريسٽ ڪينسر بابت شعور پيدا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، جيئن عورتن کي هن موذي مرض کان بچاءَ، بروقت تشخيص ۽ علاج بابت صحيح ڄاڻ فراهم ڪري سگهجي

بقايا عوامي سوچ 18

ءِ جو اظهار- ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت جي اڳواڻيءَ ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ڊي سي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ سرڪاري آفيسرن، ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت خطاب ڪندي چيو تہ 27 آڪٽوبر ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن 1947 ع ۾ ڀارتي فوجن والاريل ڪشمير ۾ مداخلت ڪئي. هن چيو تہ ڪشميري عوام گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پنهنجن بنيادي حقن، آزادي ۽ حقِ خودارادِيت جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستاني قوم ڪشميري عوام جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندي. عالمي برادري کي گهرجي تہ ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ ڪشميري عوام کي گڏيل قومن جي قراردادن موجب حقِ خودارادِيت ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کڻن. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو تہ ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد عالمي برادريءَ جو ڌيان والاريل ڪشمير جي صورتحال ڏانهن ڇڪائڻ ۽ مظلوم ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ پاڪستاني قوم پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي جدوجهد ۾ سندن ساٿ ڏيندي رهندي. ريليءَ جي پڄاڻيءَ تي ڪشميري عوام جي آزاديءَ جي حق ۽ والاريل ڪشمير ۾ امن ۽ انصاف جي قيام لاءِ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 19

ئيزيشن جي سلسلي ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي زميندارن جا زميني رڪارڊ ۽ روينيو کاتي سان لاڳاپيل اعتراض ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون. کليل ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر شاڪر فهيم، مختيارڪار ٽنڊو اقتدار رسول ٻهراڻي، اسسٽنٽ مختيارڪار توفيق احمد ميمڻ، شفقت شيخ، ٽپيدار سونڊا ممتاز پاريهڙو، ٽپيدار اياز علي ڪاتيار، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر رئيس محمد سليم گندرو، علي حيدر شاهہ، ارشاد عمر گندرو، سيد شير علي شاهہ ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي علائقي جي زميندارن پنهنجي زمينن جي رڪارڊ جي درستگي، نئين سرجوڙجڪ ۽ ڊجيٽلائيزيشن بابت مسئلا، خدشا ۽ اعتراض لاڳاپيل عملدارن آڏو پيش ڪيا. انتظاميا موجب کليل ڪچهري منعقد ڪرڻ جو مقصد زميني رڪارڊ ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ، زميندارن جون شڪايتون ۽ اعتراض ٻڌڻ ۽ رڪارڊ جي درستگي واري عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 20

جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون پنهواڻي ۽ ايس ايس پي حسيب جاويد ميمڻ ڪئي. ريلي ۾ پاڪستان ۽ ڪشمير جا جهنڊا کڻي ڪشميري عوام جي جدوجهد، قربانين ۽ حقِ خودارادِيت جي حمايت جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو ريلي اي سي آفيس پرسان ايس ايس پي آفيس کان شروع ٿي، جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي. ريلي ۾ ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن، واپاري برادري، صحافين، شهرين، مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ استادن، سول سوسائٽي، فلاحي تنظيمن جي نمائندن ۽ ضلعي پوليس ٽنڊو محمد خان جي آفيسرن ۽ جوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون پنهواڻي ۽ ٻين مقررن خطاب ڪندي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ مقررن چيو تہ ڪشمير جو ڪارو ڏينهن والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي آمد جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي، جڏهن تہ هي ڏينهن ڪشميري عوام جي جدوجهد، قربانين ۽ پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ واري بنيادي حق جي حمايت جي علامت آهي. ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ 27 آڪٽوبر 1947 ع تي والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي آمد ڪانپوءِ ڪشميري عوام ڏکين حالتن کي منهن ڏيندو رهيو آهي. جنهن جي ڪري هر سال 27 آڪٽوبر تي ڪشمير ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. هن چيو تہ هي ڏينهن ڪشميري عوام جي جدوجهد ۽ سندن بنيادي حقن لاءِ ڏنل قربانين کي ياد ڪرڻ جو موقعو آهي. ايس ايس پي وڌيڪ چيو تہ پاڪستان ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حمايت ڪري ٿو ۽ مسئلي ڪشمير جو پرامن حل لاءِ پنهنجي اصولي موقف تي قائم آهي. ڪشميري عوام جي جائز حقن جي حمايت پاڪستان جي موقف جو اهم حصو آهي، جڏهن تہ ڪشميرين جي جدوجهد ۽ قربانين کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ريلي دوران شرڪت ڪندڙن پاڪستان ۽ ڪشمير جا جهنڊا کڻي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو پيغام ڏنو ۽ سندن حق خودارادِيت جي حمايت جو اظهار ڪيو ويو ريلي جو مقصد ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ، سندن جدوجهد کي اجاگر ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي ڪشمير مسئلي جي پرامن حل لاءِ آواز اٿارڻ هو. ضلعي انتظاميا ۽ پوليس جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي شرڪت کي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي گڏيل اظهار طور ڏٺو ويو مقررن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ ڪشميري عوام جي جائز حقن ۽ حقِ خودارادِيت جي حمايت جاري رهندي

بقايا عوامي سوچ 21

آءِ ۽ 4 آءِ منهنجي والد حاجي عبدالغني جاءِ ۽ 4 آءِ پيرومل جي نالي تي آهن جن مان منهنجي والد پنهنجي حصي جو اءِ 2 آءِ شوڪت ميمڻ وڪرو ڪري ڏنا هئا، جوهن وقت معلوم ٿيو آهي تہ شوڪت ميمڻ ۽ منهنجو مامون شاهد ولد حاجي هارون ميمڻ سڄي ڪارخاني کي اسان جي ۽ پيرومل جي اجازت ڪانسواءِ ڏاڍ مڙسي ڪري دڪانداري ۽ جعلسازيءَ ۾ آفيسرن جي اثر رسوخ استعمال ڪري ڪروڙين روپين جو وڪرو ڪري فراڊ ڪري رهيا آهن. جيئن تہ حاجي هارون ميمڻ جي نياڻين جي منهنجي ماءِ ماسيءَ جا بہ حصا آهن. جن کان اجازت نہ ورتي وئي آهي جن پڻ درخواستون مختيارڪار صاحب بدين کي ڏنيون آهن. ان سلسلي ۾ معلوم ٿيو آهي تہ شاهد ۽ شوڪت ميمڻ جيڪو پنهنجو انتظاميہ تي اثر رسوخ استعمال ڪري آسان جي گڏيل ملڪيت جا ڪوڙا ڪاغذ ۽ سيل سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري رهيا آهن. جيڪي غير قانوني فراڊتي مبني آهن. ان سلسلي ۾ مون اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار صاحب بدين کي پڻ درخواستون ڏنيون آهن. ان ڪانسواءِ پيرومل جو حصو پڻ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب بدين کي عرض آهي تہ ڄاڻايل ماڻهن جي فراڊ ۽ جعلسازي خلاف نوٽس ورتو وڃي ڪوڙا رکيل کاتا ڪينسل ڪيا وڃن تہ جيئن حقدارن کي انصاف ملي سگهي اسان هر عام خاص لاءِ پڻ پڌرو ٿا ڪريون تہ هو ڄاڻايل ماڻهن سان اسان جي گڏيل ملڪيت ڪارخانو زمين چوپايو مال جو ڪو بہ سودو وغيره نہ ڪن ٻي صورت ۾ ٿيندڙ نقصان جا هو پاڻ ذميوار هوندا عرضدار جميل احمد ولد حاجي عبدالغني ميمڻ ڊيڪوريشن وارو بدين

بقايا عوامي سوچ 22

. گذريل 15 ڏينهن کان عورتن سميت مختلف ابوجهن کي دوکي سان سون جي والين کان محروم ڪرڻ جا اطلاع آهن. جنهن سبب شهري پريشان آهن. جڏهن تہ ٽولو پوليس جي گرفت کان ٻاهر آهي. ڏينهن دوران ٻن وارداتن ۾ بيواهہ تسليم بيگم يوسفزئي جون سون جون واليون بہ لاهي فرار ٿي ويا. ڪيرو اسٽينڊ جي رهواسي بيواهہ تسليم بيگم يوسفزئي کي مصيبت ۾ ڦاٿل هجڻ جو چئي دوکي سان ڪار ۾ ويهاريو ويو جنهن بعد سندس ڪنن مان سون جون واليون لاهي جوابدار فرار ٿي ويا. متاثر عورت ضلعي انتظاميا کان واقعي جو نوٽيس وٺڻ، جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۽ پنهنجون واليون واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 23

تا بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ملڪ محمد رضوان الحق خاص مهمان ۽ موٽيويشنل اسپيڪر طور شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ پهچڻ تي خاص مهمان جي گلن جي گلدستي ۽ سنڌي اجرڪ جي سوکڙي سان گرمجوشيءَ سان آجيان ڪئي وئي، پروگرام جو مقصد ٻارن ۽ نوجوانن ۾ ذهني صحت بابت شعور اجاگر ڪرڻ، اينزائٽي ۽ ڊپريشن جهڙن مسئلن کي سمجهڻ، انهن کي منهن ڏيڻ ۽ متاثر ماڻهن کي نفسياتي توڙي سماجي سهائتا فراهم ڪرڻ بابت آگاهي ڏيڻ هو. ان موقعي تي پروگرام جي منتظمين ميڊم رابعہ مرزا، غلام شبير، سميع الله، عبدالغفار ۽ محمد طيب سومرو سميت ٻين ماڻهن اهم ڪردار ادا ڪيو. پروگرام دوران ٻارن کي صحت، ذهني دٻاءُ، نفسياتي مسئلن ۽ صحتمند زندگي گذارڻ بابت معلوماتي ليڪچر پڻ ڏنا ويا، ان موقعي تي خاص مهمان ۽ موٽيويشنل اسپيڪر ملڪ محمد رضوان الحق خطاب ڪندي چيو تہ اجوڪي دور ۾ تقريبن هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن پريشاني، ذهني دٻاءُ يا ڏکي صورتحال مان گذري رهيو آهي، پر اسان کي حالتن اڳيان همت نہ هارڻ گهرجي. الله تعاليٰ جي رحمت تمام وسيع آهي ۽ انسان کي هر حال ۾ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکندي اميد، همت ۽ مثبت سوچ سان زندگي گذارڻ گهرجي. هن چيو تہ مايوسي ۽ ذهني پريشانين جو شڪار ماڻهن کي اڪيلو ڇڏڻ بدران انهن جي مدد ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. معاشري جي بهتريءَ لاءِ هر ماڻهو پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو اسان کي گهرجي تہ ضرورتمند، پريشان حال ۽ ذهني دٻاءُ ۾ مبتلا ماڻهن جي مدد کي پنهنجي اولين ترجيحن ۾ شامل ڪريون ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪريون.ملڪ محمد رضوان الحق چيو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ مالي وسيلا موجود نہ آهن، تڏهن بہ هو پنهنجي مٺڻ لفظن، محبت، همدردي ۽ حوصلا افزائيءَ ذريعي ڪنهن پريشان حال انسان جي زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهي ٿو ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌڻ، کيس آٿت ڏيڻ، سندس مسئلي جي حل لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ ڏکئي وقت ۾ ساٿ گڏ بيهڻ بہ وڏي نيڪي آهي. اهڙيءَ طرح مالي سگهہ رکندڙ ماڻهن کي گهرجي تہ اهي ضرورتمندن جي مالي مدد ڪري معاشري ۾ آسانيون پيدا ڪن.هن وڌيڪ چيو تہ اينزائٽي، ڊپريشن ۽ ذهني صحت جي ٻين مسئلن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. اهڙن مسئلن جو شڪار ماڻهن سان همدردي ۽ سمجهہ سان پيش اچڻ ضروري آهي، جڏهن تہ ضرورت پوڻ تي کين مستند نفسياتي ماهرن ۽ لاڳاپيل طبي ماهرن کان مدد وٺڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي. اسان کي اهڙو معاشرو جوڙڻو پوندو، جتي پريشان حال ماڻهن کي تنقيد بدران سهڪار، نفرت بدران محبت ۽ مايوسيءَ بدران اميد ملي.هن چيو تہ انسان ۽ مسلمان هجڻ جي حيثيت سان الله تعاليٰ جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. اسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ٻين جون ڏکيائيون گهٽ ٿين ۽ معاشري ۾ پائيچاري، همدردي ۽ انسانيت جي جذبي کي هٿي ملي. هن زور ڀريو تہ هر ماڻهو پنهنجي وس آهر ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪري ۽ معاشري ۾ اميد جي روشني پکيڙڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪري، پروگرام جي پڄاڻيءَ تي منتظمين پاران خاص مهمان ۽ موٽيويشنل اسپيڪر ملڪ محمد رضوان الحق کي يادگاري شيلڊ پيش ڪئي وئي، جڏهن تہ موٽيويشنل ليڪچر ڏيندڙ مقررن کي پڻ شيلڊون ۽ سنڌي اجرڪون جا تحفا ڏنا ويا. پروگرام ۾ شريڪ ٻارن ۽ نياڻين جي حوصلا افزائيءَ لاءِ خاص مهمان ملڪ محمد رضوان الحق پاران کين شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ذهني صحت بابت آگاهي، سماجي سهڪار ۽ انسانيت جي خدمت واري پيغام کي ساراهيو

بقايا عوامي سوچ 24

جاع آباد جي انتخابي اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو تہ جمعيت علماءِ اسلام جي قيادت حقيقي ۽ عوامي سياست ڪري عوام جي دلين ۾ جڳهہ ناهي آهي. پريس سيڪريٽري قاصرنواز نهڙي طرفان جاري ڪيل پريس رليز مطابق گذريل ڏينهن ميرواهہ شهر ۾ جي يو آءِ تعلقہ شجاع آباد جو انتخابي اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ تعلقہ امير لاءِ مولانا محمدابراهيم مهر ۽ جنرل سيڪريٽري لاءِ حافظ محمدقاسم هنگورجو کي وڏي اڪثريت راءِ سان چونڊيو ويو اجلاس ۾ نو منتخب امير مولانا محمدابراهيم مهر خطاب ڪندي چيو تہ جي يو آءِ هميشہ عوام لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، تعلقي جي عمومي ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيان ٿو جنهن مون ناچيز تي اعتماد ڪري امير چونڊيو آئون ڀرپور ڪوشش ڪندس اوهان جي اعتماد تي پورو لهان. اجلاس کي تعلقہ جنرل سيڪريٽري حافظ قاسم هنگورجو خطاب ڪندي چيو تہ سڀني عهديدارن ۽ ميمبرن جو ٿورائتو آهيان جو هڪ ڀيرو ٻيهر ايڏي وڏي ذميداري سونپي آهي. آئون يقين ٿا ڏياريان تہ ان شاءالله جماعت کي هرممڪن مضبوط ۽ وڏي قوت بنائڻ ۾ پنهنجي وسان نہ گهٽائيندس. اجلاس ۾ سابق امير مولانا محمد طاهر شر، مولانا عبدالهادي نهڙي ۽ مولانا محمدانور ڪنير جماعت جي اهميت ۽ پاليسين تي خصوصي خطاب ڪيو اجلاس ۾ مولانا محمدصادق سنڌي، مفتي غلام رحيم نهڙي، مولانا سليم پريو، مولانا عبدالواحد نهڙي، مولانا احسان الحق، مولانا محمدياسين لاشاري، قاري محمداسحاق هنگورجو، قاري عبدالعزيز هنگورجو، قاري سليمان، حافظ شاهدامام، حافظ فضل الرحمان، فقرمحمدعلي مهر، حاجي عبدالعزيز بلوچ، مولانا محمدايوب نهڙي، مولانا عبيدالله شورو، قاري محمدنواز نهڙي، حافظ محمدشبير فاروقي، حافظ علي محمد هنگورجو، باباءِ جمعيت محمدايوب خاصخيلي، حافظ احمد هنگورجو، حافظ علي شير هنگورجو ۽ حافظ سليم ڪنير سميت ٻين ذميدارن ۽ تعلقي جي عمومي جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 25

ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو، ڊي ايس پي نعيم چاچڙ سميت مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي فيصل علي سومرو ۽ ٻين چيو تہ ڪشمير پاڪستان جي شهہ رڳ آهي ۽ ڪشميري عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سموري پاڪستاني قوم ساٿ گڏ بيٺل آهي. هنن چيو تہ 27 آڪٽوبر 1947 ع ڪشميري عوام جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن ڀارتي فوجون جمون ۽ ڪشمير ۾ داخل ٿيون. ان ڏينهن کان ڪشميري عوام پنهنجن بنيادي حقن، آزادي ۽ حق خودارادِيت جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ ڪشميري عوام جون قربانيون، عزم ۽ آزاديءَ جي خواهش اڄ بہ زندهہ آهي، سندن آواز کي دٻائي نٿو سگهجي ۽ نہ ئي حق خودارادِيت جي مطالبي کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. عالمي برادري ۽ گڏيل قومن کي گهرجي تہ پنهنجن قراردادن تي عملدرآمد يقيني بڻائي ڪشميري عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪن. هنن چيو تہ ميرپورخاص سميت پاڪستان جو عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري ٿو، ڪشميري عوام اڪيلو ناهي، سندن آواز اسان جو آواز ۽ سندن درد اسان جو درد آهي. پاڪستان پاران ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حاصلات لاءِ اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص غلام حسين ڪانهيو، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌڙي افراز سعيد، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر خالد احمد نظاماڻي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر قربان علي ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صبح جو 10 وڳي ڪشميري عوام سان يڪجهتي ۽ سندن جدوجهد جي حمايت ۾ هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 26

، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر شمس الدين راٺوڙ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو ٿرپارڪر ڪيمراج سنگهہ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو ڪيلاش ڪمار پنڄ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٿرپارڪر نصر الله ساهڙ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اجي ڪمار روپاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن، واپاري برادري، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ ڪشمير جي حمايت ۾ بينر کنيل هئا ۽ ڪشمير بنجندو پاڪستان، پاڪستان زنده آباد جا نعره هڻي رهيا هئا، ريلي جي پڄاڻي تي خطاب ڪندي چيو تہ 27 آڪٽوبر 1947 ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن ڀارتي فوجون جمون ۽ ڪشمير ۾ داخل ٿيون ۽ قبضي جي شروعات ڪئي. سندن وڌيڪ چوڻ هو تہ ڪشميري عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڀارتي ظلمن، جبر، پابندين ۽ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين کي منهن ڏئي رهيا آهن. تنهن هوندي بہ سندن آزاديءَ جو جذبو ۽ حق خود اراديت حاصل ڪرڻ جو عزم اڄ بہ برقرار آهي. هنن جو چوڻ هو تہ ڪشميري عوام جون قربانيون ۽ پنهنجن بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ سندن لڳاتار جدوجهد عالمي برادريءَ جي خاص ڌيان جي گهرجائو آهي جڏهن تہ گڏيل قومن ۽ عالمي ادارن کي گهرجي تہ هو والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺن ۽ ڪشميري عوام کي سندن جائز حق ڏيارڻ لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪن. هنن اميد ظاهر ڪئي تہ ڪشمير مسئلي جو حل ڪشميري عوام جي امنگن ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن موجب پرامن ۽ منصفاڻي طريقي سان ڪيو ويندو، ان موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي. ان کان سواءِ نجي اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن ڪينراج سنگهہ ٺڪر جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب مٺي اڳيان پڻ ريلي ڪڍي وئي ۽ ڪشميرين جي حق ۾ نعريبازي ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 27

تي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث عنصرن، روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن. جن دوران پوليس 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات ۽ غيرقانوني هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، پوليس موجب سيتا روڊ ٿاڻي جي ايس ايچ او منور علي جتوئي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي چوري جي ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار رجب ولد فيصل چانڊيو کي گرفتار ڪيو. جوابدار سيتا روڊ ٿاڻي تي داخل ڪيس نمبر 48/2025، قلم 380 ۽ 457 تعزيرات پاڪستان ۾ گهربل هو. ساڳئي ريت راجو ديرو ٿاڻي جي ايس ايچ او محمد پريل پنهور پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪري چوري جي ڪيس ۾ گهربل ٻن روپوش جوابدارن عظيم سولنگي ۽ مهتاب سولنگي کي گرفتار ڪيو پوليس موجب ٻئي جوابدار ڪيس نمبر 18/2026، قلم 379 تعزيرات پاڪستان ۾ گهربل هئا. دادو اي سيڪشن پوليس جي ايس ايچ او بينظير جمالي جي سربراهيءَ ۾ ڪارروائي دوران مبينا منشيات وڪرو ڪندڙ جهندو خان پنهور کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 520 گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدار خلاف ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنسز ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪي اين شاهہ ٿاڻي جي ايس ايچ او اعجاز علي مسڻ جي سربراهيءَ ۾ پوليس مبينا طور سرگرم ڏوهارين جي ٽن ڄڻن واري ٽولي کي گرفتار ڪيو جن جي سڃاڻپ علي حسن ڳاڏهي، عابد علي ۽ شير محمد ڳاڏهي طور ڪئي وئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار علي حسن ڳاڏهي جي قبضي مان بنا لائسنس وارو پستول ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 28

روهڙي ۾ 27 آڪٽوبر تي ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهايو ويو جنهن جو مقصد والاريل جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ سندن جدوجهد جي حمايت ڪرڻ ۽ حق لاءِ آواز اٿارڻ هوان موقعي تي يونيورسٽي ۾ ريلي ڪڍي وئي ۽ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن، آفيسرن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي يونيورسٽي لائبريري کان لوگو ايريا تائين ڪڍيل ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن بينر کڻي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ڪشمير مسئلي کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ سندن بنيادي حقن جي حمايت جو پيغام ڏنو ريلي ڪانپوءِ يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي جتي ڪشمير مسئلي جي تاريخي اهميت، ڪشميري عوام جي جدوجهد ۽ بنيادي انساني حقن بابت خيالن جو اظهار ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ چيو تہ ڪشميري عوام جي حقن جو مسئلو عالمي برادريءَ جي خاص ڌيان جو گهرجائو آهي هن چيو تہ تعليم، علم ۽ شعور اهڙا اهم ذريعا آهن جن وسيلي سماج ۾ اهم مسئلن کي سمجهي سگهجي ٿو ۽ انهن بابت اثرائتو آواز اٿاري سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو تہ تعليمي ادارن جي ذميواري آهي تہ شاگردن ۾ سماجي شعور، انساني حقن جي احترام ۽ عالمي مسئلن بابت ڄاڻ کي هٿي ڏين جيئن نوجوان نسل مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪري سگهي وائيس چانسلر زور ڀريو تہ ڪشمير مسئلي بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ علمي، تحقيقي ۽ پرامن ڪوششن کي جاري رکڻ ضروري آهي نوجوان نسل پنهنجي علم، تحقيق ۽ مثبت ڳالهہ ٻولهہ ذريعي ڪشميري عوام جي مسئلن ۽ انساني حقن جي اهميت کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ تعليمي ادارا علم، تحقيق ۽ آگاهي، وسيلي انساني حقن ۽ عالمي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا واضح رهي تہ هر سال 27 آڪٽوبر تي پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو آهي اهو ڏينهن 27 آڪٽوبر 1947 ع جي واقعن جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي، جڏهن ڀارتي فوجون سري نگر پهتيون هيون. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪشمير مسئلي ڏانهن عالمي برادريءَ جو ڌيان ڇڪائڻ، ڪشميري عوام جي حقن جي حمايت ڪرڻ ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن موجب مسئلي جي منصفاڻي ۽ پرامن حل جي ضرورت کي اجاگر ڪرڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 29

الزام سامهون آيا آهن. تفصيل موجب BISP سروي سينٽر تي آيل مستحق عورتن پاران رشوت وٺڻ ۽ بدعنواني خلاف احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪانپوءِ جڏهن معاملو گرم ٿيو تہ رشوت وٺندڙ ايجنٽ عورت موقعي تان فرار ٿي وئي. فرار ٿيڻ وقت اها عورت پنهنجو سامان وارو ٿيلهو اتي ئي ڇڏي وئيعورتن ۽ مقامي شهريءَ جو چوڻ آهي تہ فرار ٿيل عورت واري ٿيلهي مان نشي وارا ٽيبليٽ ڪجهہ عورتن جا ڪارڊ ٽوڪن ۽ ڪجهہ ٻيا ٽڪن وارا ڪارڊ پڻ هٿ آيا آهن. مقامي شهري اصغرحجام موجب، هن اهو شڪي ٿيلهو پنهنجي تحويل ۾ وٺي ترت اسلام ڪوٽ ٿاڻي تي پهچائي عملدارن وٽ اين سي (NC)داخل ڪرائي ڇڏي آهي ٻئي طرف، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP)جي مقامي انتظاميا پاران لڳايل سڀئي الزام رد ڪيا ويا آهن. انتظاميا جو چوڻ آهي تہ سينٽر تي ڪنهن بہ قسم جي پئسن جي غير قانوني وصولي ناهي ٿي ۽ سينٽر تي شفاف طريقي سان ڪم هلي رهيو آهيميني (و ر محمدرحيم مگريو)*اسلام ڪوٽ: جهانگرو

بقايا عوامي سوچ 30

ڪري چيو ويو تہ "پئسا جمع ڪرائيندا تہ سروي ٿيندي، نہ تہ هليا وڃو"غريب مستحق عورتن کان ناجائز پئسا وٺڻ تي شهرين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي عوام جو چوڻ آهي تہ ڊيپلو ۾ انڌير نگري لڳي پئي آهي، ڪو بہ پڇڻ لاءِ تيار ناهي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيون ٿا تہ معاملي جو نوٽيس وٺي رشوت وٺندڙ عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل جهانگرو ٿاڻي جي حد ۾ سيروڙو ۽ ڳوٺ ٻٽڙا جي لنجا برادري سان تعلق رکندڙ ڌرين وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو آهي. ڳوٺ ٻٽڙا جي رهواسين اسحاق لنجو، عنايت لنجو، جلال لنجو، يوسف لنجو، غفور لنجو ۽ لات لنجو الزام هنيو آهي تہ سيروڙو جي لنجا برادري سان تعلق رکندڙ لڳ ڀڳ 40 ماڻهن سندن گهرن تي حملو ڪري عورتن کي نشانو بڻايو آهي. متاثر ڌر موجب، مبينا حملي ڪانپوءِ سندن اچ وڃ جا رستا بند ڪيا ويا آهن. جنهن سبب هو اسلام ڪوٽ اسپتال يا ٿاڻي تائين پهچي نٿا سگهن. هنن الزام هيٺ آيل برهان لنجو، اسلم لنجو، شريف لنجو سهتو لنجو، ساوڻ لنجو، سبان لنجو، سڪندر لنجو ۽ عبدالله لنجو سميت ٻين ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. متاثر ڌر ايس ايس پي ٿرپارڪر کان اپيل ڪئي آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ الزام هيٺ آيل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري

بقايا عوامي سوچ 32

د شاهد حسين بروهي ۽ پائيٽي مير بالاچ خان بروهي کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي کين مبارڪون ڏيندي سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي چيو تہ پلي پار وڃڻ جي هر مسلمان کي خواهش هوندي آهي، الله پاڪ کان دعا آهي تہ هر مسلمان کي مڪي شريف، مديني شريف، ڪعبت الله شريف جي زيادت عمري توڙي حج جي صورت ۾ نصيب فرمائي(آمين ثم آمين) ان موقعي تي حاجي خير محمد بروهي ۽ شاهد حسين بروهي جي اعزاز ۾ سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي جو وڻن بروهي فارم هائوس تي اچڻ تي سندن ٿورو مڃيندي چيو تہ ٺٽو ۽ سڄاول ضلعن جي شيرازي ڀائرن سان اسان جا لاڳاپا رڳو سياسي يا سماجي نہ پر ڀائپي ۽ وابستگيءَ تي ٻڌل آهن. هن چيو تہ سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي جي آمد اسان لاءِ عزت جو باعث آهي. هن چيو تہ شيرازي ڀائرن سان سندن ساٿ آخري دم تائين جاري رهندو. ان موقعي تي حاجي خر محمد بروهي، حاجي غلام رسول بروهي، حاجي الهڏنو بروهي، مهر بروهي، علاؤالدين بروهي، حاجي منر احمد بروهي، شهباز احمد بروهي، مر علي خان بروهي، زاهد بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 33

ق خودارادِيت جي حمايت ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميا سکر پاران ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن، وڪيلن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن، ميڊيا جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ميونسپل اسٽيڊيم سکر کان شروع ٿي، جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي سکر پريس ڪلب پهتي. ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون سکر تنوير احمد، اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سکر بشرا منصور ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي. ريلي ۾ پوليس، رينجرز، سوشل ويلفيئر، انفارميشن، صحت، سيپڪو، لوڪل گورنمينٽ ۽ ريسڪيو 1122 سميت مختلف ادارن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي ۽ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن، جبر ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ان موقعي تي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون سکر تنوير احمد، اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سکر بشرا منصور ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل چيو تہ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ، سندن بنيادي حقن جي حمايت ڪرڻ ۽ عالمي برادريءَ جو ڌيان والاريل جمون ۽ ڪشمير جي صورتحال ڏانهن ڇڪائڻ آهي. هنن چيو تہ پاڪستاني قوم ڪشميري ڀينرن ۽ ڀائرن جي حقن ۽ سندن جائز جدوجهد جي حمايت ڪري ٿي. ڪشميري عوام کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ سندن خواهشن مطابق پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ گهرجي. هنن عالمي برادري ۽ گڏيل قومن تي زور ڀريو تہ ڪشمير مسئلي جي پرامن ۽ منصفاڻي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو وڃي ۽ ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل ۽ ڪشميري عوام جي حقِ خودارادِيت جي حمايت سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي سطح تي جاري رکندو، ريلي ذريعي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي عالمي برادريءَ کان مطالبو ڪيو ويو تہ والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي تحفظ ۽ ڪشميري عوام کي سندن جائز حق ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 34

عليہ السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري بعد ۾ لاڙ جي لعل درگاهہ سيد سمن سرڪار جي 95هين عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو بدين سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي گلاب لغاري ويجهو سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ پهچي معصوم سنڌ بي بي ماهر بنت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جي روضي مبارڪ تي چادر چاڙهي، جاري تعميراتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي تہ تعميراتي ڪم ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي يا غفلت هرگز برداشت نہ ڪئي ويندي. جڏهن تہ روضي جي تعمير هر صورت ۾ جون 2027 ع تائين مڪمل ڪئي وڃي. ان موقعي تي سيڪريٽري اوقاف سنڌ آغا فاخر حسين ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ مختيار علي ابڙو پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا، صوبائي وزير کي جاري ترقياتي ڪمن بابت بريفنگ ڏني وئي ۽ هن ڪم جي معيار، رفتار ۽ مقرر مدي اندر تڪميل کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو مذهبي معاملن واري ڪميٽي ۽ اوقاف کاتي پاران منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي چيو تہ اهل بيت ۽ امامن جون قربانيون اسلامي تاريخ جو اهم باب آهن. بي بي ماهر بنت امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جي روضي مبارڪ تي سڄي دنيا مان لکين عقيدتمند ۽ زائرين حاضري ڀرڻ لاءِ اچن ٿا. تنهنڪري کين بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي ۽ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو تہ سنڌ جي ٻين بزرگن ۽ اوليائن جي درگاهن تي بہ زائرين لاءِ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. بي بي ماهر عليہ السلام جي روضي جي تعمير سان گڏ زائرين جي رهائش لاءِ مسافرخانو، واش رومز، آر او پلانٽ ۽ درگاهہ ڏانهن ويندڙ سمورن رستن جي تعمير ۽ بهتري کي پڻ يقيني بڻايو ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ علائقي جي چونڊيل نمائندن، ايم پي ايز جي مشاورت سان ترقياتي اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا، جيئن ملڪ جي مختلف حصن مان ايندڙ زائرين کي سهولتون ميسر ٿي سگهن. بعد ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهہ شيرازي بدين ويجهو لاڙ جي مشهور روحاني ۽ تاريخي درگاهہ سيد سمن سرڪار تي حاضري ڀري، مزار تي چادر چاڙهي 95هين عرس مبارڪ جو باقاعده افتتاح ڪيو ان موقعي تي هن فاتح خواني ڪئي ۽ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي، امن امان ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري صوبائي وزير چيو تہ سنڌ جي صوفي بزرگن جي تعليمات محبت، رواداري، امن، انسانيت ۽ پائيچاري جو درس ڏين ٿيون. درگاهن تي منعقد ٿيندڙ عرس مبارڪ سنڌ جي شاندار صوفي روايتن ۽ روحاني ورثي کي زنده رکڻ سان گڏ ماڻهن ۾ محبت ۽ اتحاد کي هٿي ڏيڻ جو اهم ذريعو آهن هن چيو تہ درگاهہ سيد سمن سرڪار تي هر سال وڏي انگ ۾ عقيدتمند حاضري ڀرين ٿا، جڏهن تہ اهڙيون روحاني تقريبون سنڌ جي ثقافتي ۽ مذهبي سڃاڻپ کي وڌيڪ اجاگر ڪن ٿيون.

بقايا عوامي سوچ 35

ويو اوڊيرولال وليج اوڊيرولال اسٽيشن ٻائو خان پناڻ، فاضلاڻي موري، نوبت مري طاهر هنگورو سميت ڀهراڙين ۾ اٽو اڻلڀ، مهانگائي عوام جون وايون ٻتال ڪري ڇڏيون اٽي جي کوٽ سبب في مڻ اٽو ساڍا 6 هزار کان 7 هزار روپين تائين وڪامڻ لڳو آهي، جنهن سبب پورهيت ۽ غريب طبقو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. جڏهن تہ فلور مل مالڪن جو چوڻ آهي تہ اسان کي سرڪار پاران چڪي جي پتر تي هڪ مهيني اندر 5 ٻوريون ملن ٿيون جنهن مان اسان عوام کي ڪيترو سستو اٽو ڏيون مجبورن پرائيويٽ ماڻهن کان ڪڻڪ خريد ڪيون ٿا جيڪا اسان کي سستو ملڻ بجاءِ مهانگي اگهہ تي ملي ٿو سرڪار کي گهرجي تہ اسان چڪي وارن کي ڪڻڪ وڌيڪ فراهم ڪن جيئن اسان عام ماڻهو کي سستو اٽو ڏيون. ٻئي طرف فوڊ انسپيڪٽر مٽياري شاهزيب جوٽيجو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو تہ سرڪار پاران هن وقت ڪو واضح پاليسي نہ ناهي سگهي جنهن جي ڪري اسان ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون سنڌ حڪومت کي گهرجي جلد کان جلد ڪو پاليسي جوڙي جنهن تحت عوام کي رليف ملي ٻئي طرف عام ماڻهن ۽ شهرين نقيش ملوترا، شايان بلوچ ۽ ٻين جو چوڻ آهي تہ اٽو مهانگو ٿيڻ ڪري اسان غريب هڪ ويلي لاءِ پريشان آهيون ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري آفيس تائين محدود آهن شهرن ۾ نڪري ڪڻڪ جي اٽو جو ريٽ تہ معلوم ڪن پر آفيس مان نڪرڻ لاءِ تيار ناهن حڪومت کي گهرجي شهرن ۾ جلد کان جلد سستي اٽي جا اسٽال لڳائي عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ چڪي مالڪن کي پابند بڻايو وڃي تہ هو سرڪاري ريٽ لسٽ تي غريب عوام سستو اٽو فراهم ڪن

بقايا عوامي سوچ 36

ڪرائڻ سبب عوامي مفادن جي منصوبن ۾ بہ دير ٿئي ٿي، جنهن سان حڪومت جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ مختلف عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جا جواب وقت سر جمع ڪرائڻ بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ مختلف عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جا جواب جمع ڪرائڻ لاءِ ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي ليٽيگيشن ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ هن سمورن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن ۽ انهن جا صحيح جواب جمع ڪرائڻ بابت لاڳاپيل ادارن کان تفصيل معلوم ڪن. گڏجاڻي ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز ٻڌايو تہ سڄي ڊويزن ۾ ڪاليجز جا مختلف عدالتن ۾ 7 ڪيس آهن. ڊائريڪٽر پرائمري اسڪولز فقير محمد خاصخيلي ٻڌايو تہ ڊويزن جي پرائمري اسڪولن جا 74 ڪيس آهن. ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪولز محمد اقبال ڪنڀار ٻڌايو تہ سيڪنڊري اسڪولن جو هڪ ڪيس سپريم ڪورٽ ۽ 50 ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ التوا ۾ پيل آهن. خوراڪ کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ٻڌايو تہ خوراڪ کاتي جا مختلف عدالتن ۾ 12 ڪيس آهن. جڏهن تہ ڊائريڪٽر نارا ڪئنال شان ملاح ٻڌايو تہ نارا ڪئنال جا ڪل 80 ڪيس آهن، جن مان 40 هاءِ ڪورٽ ۽ 40 لوور عدالتن ۾ آهن. گڏجاڻي ۾ ٻڌايو ويو تہ صحت کاتي جا سڄي ڊويزن ۾ 67 ڪيس، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جا 8 ڪيس، پراونشل هاءِ ويز جا 8 ڪيس ۽ لوڪل گورنمينٽ جا 53 ڪيس مختلف عدالتن ۾ آهن. جن جا جواب جمع ڪرايا ويا آهن. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارني ميرپورخاص ٻڌايو تہ لوور عدالتن ۾ مختلف سرڪاري ادارن جا 700 ڪيس آهن. جڏهن تہ روينيو جا 200 اهڙا ڪيس آهن. جيڪي سب رجسترار وٽ آهن جن جا عدالتن ۾ جواب داخل نہ ڪرايا ويا آهن. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير حسين لغاري ٻڌايو تہ جا جواب جمع ڪرايا ويا آهن. جڏهن تہ باقي ڪيسن جا جواب جلد جمع ڪرايا ويندا. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي ٻڌايو تہ ضلعي ٿرپارڪر ۾ روينيو جا مختلف عدالتن ۾ 83 ڪيس آهن. جن مان 78 ڪيسن جا جواب داخل ڪرايا ويا آهن. اهڙيءَ طرح ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمان لاڙڪ ٻڌايو تہ ضلعي عمرڪوٽ ۾ روينيو جا 68 ڪيس آهن. جن مان 63 ڪيسن جا جواب جمع ڪرايا ويا آهن. ڊويزنل ڪمشنر سمورن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي پنهنجي ضلعن جي ڊسٽرڪٽ اٽارني کان هڪ هفتي اندر روينيو جي سمورن ڪيسن جا تفصيل معلوم ڪري رپورٽ پيش ڪن. هن واضح ڪيو تہ ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي هرگز برداشت نہ ڪئي ويندي. گڏجاڻي ۾ ڊائريڪٽر اطلاعات ميرپورخاص شبانہ چنہ، ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر محمد رفيق جمالي، ڊسٽرڪٽ فاريسٽ آفيسر دوست محمد دستي، ايجوڪيشن ورڪس ميرپورخاص ۽ ٻين مختلف کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 37

۾ جو بنيادي مقصد انسانيت جي خدمت ڪرڻ ۽ سماج جي انهن ماڻهن جي سهائتا ڪرڻ آهي، جيڪي مالي وسيلن جي کوٽ سبب زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ کان محروم آهن. هن چيو تہ خلق جي خدمت آرگنائيزيشن پنهنجي وس آهر بيواهہ ۽ بي پهچ عورتن کي سلائي مشينون ۽ روزگار جا وسيلا فراهم ڪرڻ، مستحق خاندانن ۾ راشن ورهائڻ، تعليمي سيمينار منعقد ڪرڻ ۽ صحت بابت آگاهي پيدا ڪرڻ سميت مختلف فلاحي سرگرميون سرانجام ڏئي رهي آهي، جيئن غريب خاندانن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ سندن زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪري سگهجي. ميڊم روزينا جتوئي چيو تہ افسوس آهي تہ سرڪاري سطح تي سندن اداري کي گهربل سهڪار حاصل نہ ٿي سگهيو آهي، جيڪڏهن حڪومت، چونڊيل نمائندا، ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز تنظيم سان سهڪار ڪن تہ فلاحي سرگرمين جو دائرو وڌيڪ وڌائي سگهجي ٿو ۽ دادو جي وڌيڪ غريب، مسڪين، بي سهارا ۽ مستحق خاندانن تائين مدد پهچائي سگهجي ٿي، هن وڌيڪ چيو تہ اسان جو مقصد شهرت حاصل ڪرڻ نہ، پر انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي، اسان چاهيون ٿا تہ ڪو بہ غريب بکيو نہ سمهي، ڪا بہ بيواهہ عورت بي سهارا نہ رهي ۽ ڪو بہ مستحق ٻار مالي وسيلن جي کوٽ سبب تعليم کان محروم نہ ٿئي هن چيو تہ سماج جي خوشحال ماڻهن، مخير حضرات ۽ سرڪاري توڙي چونڊيل نمائندن کي گهرجي تہ اهي فلاحي ادارن سان سهڪار ڪن. جيئن گڏيل ڪوششن سان ضرورت مند ماڻهن جي مدد ڪري سگهجي، خلق جي خدمت آرگنائيزيشن جي چيئرپرسن ميڊم روزينا جتوئي سان گڏ تنظيم جا عهديدار عبدالواحد ڪوڪر، فهد برهماڻي، بشير ٻبر، اسد جويو، عثمان ابڙو، فراز ٻگهيو، احسان سومرو، فرحان سهاڳ، ريشم بلوچ، سهانہ جمالي ۽ سيما ٿهيم پڻ فلاحي سرگرمين ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. خلق جي خدمت آرگنائيزيشن دادو جو پيغام آهي تہ انسانيت جي خدمت، غريبن جي سهائتا ۽ مستحق ماڻهن جي ڀلائي ئي سندن عزم آهي

بقايا عوامي سوچ 38

پرسان چيڪو جي باغ مان 60 ورهين جي بزرگ ويرو ميگهواڙ جي لاش وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ هٿ آئي آهي. اطلاعن موجب پيمون مل ميگهواڙ پاڙي جو رهواسي ويرو ميگهواڙ گذريل ٻن ڏينهن کان گم هو باغ مان لاش نظر اچڻ تي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب فوتي جي وارثن ٻڌايو تہ بزرگ ٻہ ڏينهن اڳ گهران نڪتو هو ۽ سندس ذهني حالت درست نہ هئي. پوليس جو چوڻ آهي تہ شروعاتي طور واقعو خودڪشي جو معلوم ٿئي ٿو تنهن هوندي بہ واقعي جا اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 39

ي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾ تقريب منعقد ڪري آفيس کان دادو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو عمران علي سيال سميت سرڪاري آفيسرن، ملازمن، شاگردن، صحافين ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي، تقريب ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪري دعائون گهريون ويون، ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پاڪستاني ۽ ڪشميري جهنڊا توڙي يڪجهتيءَ جا بينر کڻي ڪشميرين جي بنيادي حقن ۽ حق خودارادِيت جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سيد مرتضيٰ علي شاهہ چيو تہ ڪشميري عوام جي جائز حقن ۽ آزاديءَ لاءِ حمايت جاري رکي ويندي، جڏهن تہ عالمي برادري کي ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل ۽ ڪشميرين کي بنيادي حق ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

بقايا عوامي سوچ 40

تان پينل ڪوڊ، ايف آءِ آر نمبر 72/2026، قلم 24 سنڌ آرمزايڪٽ، ۽ ايف آءِ آر نمبر 73/2026، قلم 4/8 گٽڪا ايڪٽ تحت داخل ڪيسن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جي اعتراف ۾ ڏنا ويا

بقايا عوامي سوچ 41

ر جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس موجب 23 آڪٽوبر 2026 ع تي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ 23 ورهين جي عزيز ولد محمد ابراهيم ڪاتيار جي قتل واري واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. گرفتار جوابدارن ۾ حاجي بچل عرف حاجن ولد حاجي ابن ڪاتيار، محمد امين ولد گل محمد ڪاتيار، محمد صديق ولد سليمان ڪاتيار ۽ محمد يوسف ولد الياس ڪاتيار شامل آهن واقعي جو ڪيس نمبر 212/2026، قلم 302، 311، 504 ۽ 35 پاڪستان پينل ڪوڊ تحت مقتول جي ڀاءُ امام علي ولد ابراهيم ڪاتيار جي فرياد تي ٿاڻي ٻلاڙي شاهہ ڪريم ۾ داخل ٿيل آهي نوجوان عزيز ڪاتيار جي قتل واري واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتيءَ جي لهر ڇانيل هئي. پوليس جي هن ڪارروائي کي ڪيس جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي. هاڻي وارثن ۽ علائقي واسين کي اميد آهي تہ شفاف جاچ ذريعي واقعي جا سمورا حقيقتون سامهون آنديون وينديون ۽ قانون موجب انصاف فراهم ڪيو ويندو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

دادو ۾ پيءُ جو پنهنجن پٽن ۽ مائٽن تي گهر ۽ 18 ايڪڙ زمين تي قبضي جو الزام، ڪلام پاڪ کڻي پريس ڪلب پهچي احتجاج

پنهنجي مامي محمد شريف پنهور ۽ سندس پٽن اسلم پنهور ۽ سليم پنهور سان گڏجي سندن گهر ۾ گهڙي ڪين تشدد جو نشانو بڻايو

ڌمڪيون ڏنيون ۽ گهر سميت 18 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪري ڪين زبردستي گهر مان ڪڍي ڇڏيو

مخالف ڌر جا ڄاڻايل ماڙهو ڪيس، سندس زال ۽ پٽ کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڏٽي ڏنو پنهور جي رهواسي الله ورايو پنهور پنهنجي زال ماروي، پٽ محمد وسيم پنهور سميت دادو پريس ڪلب پهچي ڪلام پاڪ کڻي احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن ميڊيا آڏو دانهيند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

دادو پريس ڪلب ضلع دادو

اياز سيفي چارڻ جي ٻن نعتيه ڪتابن جي مهورت، شاندار مشاعرو، بهترين نعتيه شاعر ايوارڊ ڏنو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو پاران ناميارِي نعتيه شاعر ۽ نثر ن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

دادو: پير مظهرالحق جي اڳواڻيءَ ۾ پيپلزپارٽي جي وفد جي هالا آمد

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سي اي سي ميمبر ۽ اڳوٽي سيني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڪوٽ غلام محمد پوچڙي جي آبادگارن جو پاڻي نه ملڻ ۽ ايف او جي من مانين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪورٽ سڳوري جي حڪم تي ايس ڊي او سليم نارايي داروغو انور علي ڪوسو قانون موجب واٽر نهرايا

مبينا ايف او چيئرمن جي حڪم تي ايف او جي سموري ٻاڌي اهي واٽر ڪورس ٽوڙايي ڇڏيا

جنهن جي ڪري پوچڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه پيو پهچي هنن مطالبو ڪيو ته ايف او چيئرمن ۽ سموري ٻاڌي ڪورٽ سڳوري جي آڊر کي ٽڏي توهين عدالت ڪئي آهي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد پوچڙي جي آبادگارن جو پاڻي نه ملڻ ۽ ايف او جي من مانين خلاف احتجاجي مظاهرو پوچڙي جي آبادگارن ايڊووڪيٽ انور علي پرگڙي لياقت علي قايم خاني م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

يوم يڪجهتي ڪشمير ۽ بليڪ ڊي جي موقعي تي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ ريلي

جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي

گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول نئون ڪوٽ ۽ ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ جي اهتمام هيٺ نڪتل ريلي

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ملڪ جي ٻين شهرن جيان نئون ڪوٽ ۾ پڻ يوم يڪجهتي ڪشمير ۽ بليڪ ڊي جي موقعي تي ڪشميري عوام /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

عبدالرزاق خاصخيلي عبدالحميد ڪوسو تلوڪچند پيل ۽ عهديدارن پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار

پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اڄ 27 آڪٽوبر تي ڪشمير بليڪ ڊي ملهايو پيو وڃي

هي ڏينهن 27 آڪٽوبر 1947 ع تي جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي پهچڻ ۽ قبضي خلاف احتجاج طور ملهايو ويندو آهي

قربانين کي ياد ڪرڻ، سندن حقِ خودارادي جي حمايت ڪرڻ ۽ ڪشمير جي مسئلي ڏانهن عالمي برادري جو ڌيان ڇڪائڻ آهي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد 27 آڪٽوبر ڪشمير بليڪ ڊي، دفاع پاڪستان ونگ CVNڪوٽ غلام محمد جي تعلقه صدر عبدالرزاق خاصخيلي عبدالحميد ڪوسو تلوڪچند پيل ۽ عهديدارن پاران ڪشمير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

بدين ۾ ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ڪشميري عوام سان اظهارِ يڪجهتي لاءِ ريلي

حقِ خودارادي جي حاصلات لاءِ ڪشميرين جي جدوجهد جي حمايت جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو

شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ تايين ريلي ڪڍي وئي ريلي کان اڳ جيم خانا بدين ۾ تقريب کي خطاب

27 آڪٽومبر 1947 ع تي مقبوضه جمون و ڪشمير جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي

بدين (رجب راهمون) پوري ملڪ جيان بدين ۾ ڪشميري ڀائرن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي اڳواڻي ۾ جيم خانا بدين کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪاڇي ۾ ناياب وڻن جي نسل ڪشي ڪري ڪاڇي جي سونهن اجاڙ خلاف جوهي جي سُڄاڻ ڌرين پاران احتجاج

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) ڪاڇي ۾ ناياب وڻن جي نسل ڪشي ڪري ڪاڇي جي سونهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

هاءِ اسڪول ور شهر اسڪول پاران اسڪول ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن جي حوالي سان هڪ ريلي

ڳهوڙاباري (شا خالد ڏاتاري) هاءِ اسڪول ور شهر اسڪول پاران اسڪول ۾ ڪشمير جي ڪاري ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

Stand WITH KASHMIR, STAND FOR JUSTICE
KASHMIR BLACK DAY
FROM: DEPUTY COMMISSIONER BADIN

سجاول ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر آفيس اڳيان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد پيرل چانديو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

احتجاجي ريلي ۾ روينيو صحت کاتي، ٽائون ڪاميٽي ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن واڪ ۾ شرڪت ڪري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ڪشمير ۾ ڪشميري عوام کي پيش اينڊز ڪيائين ڌانهن ڌيان ڇڪائڻ ۽ عالمي برادري کي ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي حل جي اهميت جو احساس ڏيارڻ هو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سجاول ۾ ضلعي انتظاميه پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس اڳيان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد پيرل چانديو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. احتجاجي ريلي ۾ روينيو صحت کاتي، ٽائون ڪاميٽي ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن ۽ ملازمن واڪ ۾ شرڪت ڪري / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي اڳواڻي ۾ ضلعي انتظاميا پاران ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

جنهن جو مقصد ڀارتي انتظام هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ سندن حقِ خودارادي جي حمايت جو ورجاءُ ڪرڻ هو

ان موقعي تي ضلعي سيڪريٽريٽ ۾ ڪشمير تڪرار دوران پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙن جي ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي

ڊسٽرڪٽ اسپتال مٽياري کان مٽياري پريس ڪلب تائين يڪجهتي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر جي اڳواڻي ۾ ضلعي انتظاميا پاران ڪشميرين سان يڪجهتي لاءِ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. جنهن جو مقصد ڀارتي انتظام هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڪراچي سماجي اڳواڻ صفوران ٽائون يوسي 3 سچل جي چيئرمين تاج محمد وساڻ جو جنم ڏينهن محبتن سان ملهايو ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانديو) ڪراچي سماجي اڳواڻ صفوران ٽائون يوسي 3 سچل جي چيئرمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

22 آڪٽومبر تي مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل لاڙڪاڻي واسي نديم شيخ جي وارثن پاران مقابلي جڙتو قرار

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) سڪر جي ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ 22 آڪٽومبر تي مبينا پو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

WE STAND FOR THE RIGHT TO SELF-DETERMINATION OF THE KASHMIRI PEOPLE
KASHMIR BLACK DAY
27th OCTOBER,
27 OCTOBER KASHMIR BLACK DAY
FROM: DISTRICT ADMINISTRATION MA

ٽلهار ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 17 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو

ٽلهار شهر ۾ مرغي جي فارم تي ڪم ڪرڻ دوران بجلي جي پاڻي واري موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

نوجوان کي رورل هيلٿ سينٽر ٽلهار منتقل ڪيو ويو جتي ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر پاران سندس موت جي تصديق ڪئي وئي

ٽلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) ٽلهار ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 17 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو ملڪاڻي شريف پرسان ڳوٺ مبين چانديو جو رهواسي 17 ورهين جو نوجوان غلام محمد ولد مجنون چانديو ٽلهار شهر ۾ مرغي جي فارم تي ڪم ڪرڻ دوران بجلي جي پاڻي واري موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو نوجوان کي رورل هيلٿ سينٽر ٽلهار منتقل ڪيو ويو جتي ڊيوٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

مٽياري ۾ راندين سميت مختلف سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون منعقد ڪيون وينديون: اي ڊي سي ٽو

جيئن نوجوانن کي صحتمند ۽ تعميري سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن

ضلعي انتظاميا نوجوانن کي راندين، ثقافتي پروگرامن ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ IIامجد جمالي اعلان ڪيو آهي ته قائداعظم محمد علي جناح جي يومِ ولادت جي موقعي تي ضلعي مٽياري ۾ راندين سميت مختلف سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون منعقد ڪيون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي، ڪشميري عوام جي جدوجهد ۾ پاڪستاني قوم ساڻن گڏ بيٺل آهي: فيصل علي سومرو

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو فيصل علي سومرو، ڊي ايس پي نعيم چاچڙ سميت مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت

ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي ۽ ڪشميري عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سموري پاڪستاني قوم ساڻن گڏ بيٺل آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير لغاري جي اڳواڻي ۾ ڪشمير جي يومِ سياهه جي موقعي تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

غريبن ۽ مظلومن جو توانو آواز جي يو آءِ آهي مولانا ابراهيم

جمعيت علماء اسلام جي قيادت حقيقي ۽ عوامي سياست ڪري عوام جي دلين ۾ جڳهه ٺاهي آهي

گذريل ڏينهن ميرواهه شهر ۾ جي يو آءِ تعلقه شجاع آباد جو انتخابي اجلاس ٿي گذريو

ميرپورخاص(بيورو چيف سومار سميجو) جمعيت علماء اسلام ضلع ميرپورخاص جي جنرل سيڪريٽري مفتي عادل لطيف جي يو آءِ تعلقه ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سکر ۾ مينٽل هيلٿ، اينزائٽي ۽ ڊپريشن بابت آگاهي پروگرام

ملڪ محمد رضوان الحق جي خاص مهمان ۽ موٽيويشنل اسپيڪر طور شرڪت

شرڪت ڪندڙن ذهني صحت بابت آگاهي، سماجي سهڪار ۽ انسانيت جي خدمت واري پيغام کي ساراهيو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سکر جي هڪ خانگي هوٽل ۾ مينٽل هيلٿ، اينزائٽي، ڊپريشن ۽ نفسياتي مسئلن جو شڪار ماڻهن جي سهائيءَ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرپورخاص ۾ ٽن ماڻهن تي مشتمل فراڊي ٽولو سرگرم

عورتن سميت اڻڄاڻ ماڻهن کي سون جي والين کان محروم ڪرڻ لڳو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص شهر ۾ ڪار ۾ سوار ٽن ماڻهن تي مشتمل مبينا فراڊي ٽولي جون وارداتون جاري آهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

جميل احمد ولد حاجي عبدالغني ميمڻ جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس

رائس مل جنهن ۾ سندس 8 آنا ۽ 4 آنا منهنجي والد حاجي عبدالغنيءَ جا ۽ 4 آنا پيرومل جي نالي تي آهن

جن مان منهنجي والد پنهنجي حصي جو اڌ 2 آنا شوڪت ميمڻ وڪرو ڪري ڏنا هئا

بدين(رجب راهمون). هن پريس ڪانفرنس جي ذريعي عرض ڳوڪريان ته منهنجي ناني حاجي محمد هارون ميمڻ جي رائس مل جنهن ۾ سندس 8/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪشمير ڪارو ڏينهن جي موقعي تي ريلي

ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار، حقِ خودارادي جي حمايت جو ورجاءُ

مقررن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ڪشميري عوام جي جائز حقن ۽ حقِ خودارادي جي حمايت جاري رهندي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: حبيب شيخ) 27 آڪٽوبر ڪشمير ڪاري ڏينهن جي موقعي تي ضلعي انتظاميا ۽ ٽنڊو محمد خان پوليس پاران والاريل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ديهه سونڊا جي زميني رڪارڊ جي نئين سر جوڙجڪ ۽ ڊجيٽلائيزيشن جي سلسلي ۾ کليل ڪچهري منعقد

جنهن ۾ علائقي جي زميندارن جا زميني رڪارڊ ۽ روينيو کاتي سان لاڳاپيل اعتراض ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون

زميندارن جون شڪايتون ۽ اعتراض ٻڌڻ ۽ رڪارڊ جي درستگي واري عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يونين ڪائونسل سونڊا جي ديهه گجو، ديهه سنهري ۽ ديهه سونڊا جي زميني رڪارڊ جي نئين سر جوڙجڪ ۽ ڊجيٽلا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪشمير جي ”ڪاري ڏينهن“ جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي

جنهن ۾ سرڪاري آفيسرن، ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ريليءَ جي شرڪت ڪندڙن ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪشمير جي ”ڪاري ڏينهن“ جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي، ڪشميري عوام سان يڪجهتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

27 October Kashmiris demand a plebiscite under UN resolutions
BLACK DAY
SARMAD ALI BHAAGAT DEPUTY COMMISSIONER THATTA
سرمد علي ڀاڳت

سنڌيونيورسٽي ڪئمپس پاران بريسٽ ڪينسر بابت ڄاڳرتا سيمينار، مرض جي بروقت تشخيص ۽ علاج تي زور

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ٺٽي پاران بريسٽ ڪينسر (ڇاتي جي ڪينسر) بابت عوام ۾ شعور ۽ ڄاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سيمينار

جيئن عورتن کي هن موذي مرض کان بچاءُ، بروقت تشخيص ۽ علاج بابت صحيح ڄاڻ فراهم ڪري سگهجي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سنڌيونيورسٽي ڪئمپس پاران بريسٽ ڪينسر بابت ڄاڳرتا سيمينار، مرض جي بروقت تشخيص ۽ علاج تي زور، سنڌ يونيورسٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سول اسپتال مڪلي ۾ دوائن جي کوٽ جون شڪايتون عام ٿي ويون

مريض خانگي ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون خريدڻ تي مجبور ٿيل

مريضن پاران وس وارن کان دوائن جي کوٽ ختم ڪري ڪين سرڪاري دوائون فراهم ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سول اسپتال مڪلي ۾ دوائن جي کوٽ جون شڪايتون عام ٿي ويون، مريض خانگي ميڊيڪل اسٽورن تان دوائون خريدڻ ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي طور گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ريلي

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٿرپارڪر نصرالله ساهڙ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر اجي ڪمار روپاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن، واپاري برادري، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ ڪشمير جي حمايت ۾ بينر کنيل هئا ۽ ڪشمير بڻجندو پاڪستان، پاڪستان زنده آباد جا نعره هڻي رهيا هئا

مٺي (ڊ.رمحمدرحيم مگريو) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي طور گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عمير اشرف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

27 OCTOBER KASHMIR BLACK DAY
Justice for Kashmir
Government Boys Elementary Lower Secondary School North Colony Mithi
27 OCTOBER BLACK DAY KASHMIR
GBPS MEGHWAR COLONY MITHI

دادو ۾ ايس ايس پي صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي پوليس جون ڪارروايون، 8 جوابدار گرفتار

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

روهڙي اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج روهڙي ۾ 27 آڪٽوبر تي ڪشمير جو ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن اينڊ هيريٽيج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي سروي سينٽر تي عورتن کان رقم وصول ڪرڻ جو نئون اسڪينڊل سامهون اچي ويو

جتي هزارين رپيا وٺي عورتن جا ڪارڊ سروي ڪرڻ جا سنگين الزام سامهون آيا آهن

BISPسروي سينٽر تي آيل مستحق عورتن پاران رشوت وٺڻ ۽ بدعنواني خلاف احتجاج ڪيو ويو

احتجاج ڪانپوءِ جڏهن معاملو گرم ٿيو ته رشوت وٺندڙ ايجنٽ عورت موقعي تان فرار ٿي وئي

مٺي (ڊ.رمحمدرحيم مگريو) اسلام ڪوٽ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP)جي سروي سينٽر تي عورتن کان رقم وصول ڪرڻ جو نئون اسڪينڊل سامهون اچي ويو آهي. جتي هزارين رپيا وٺي عورتن جا ڪارڊ سروي ڪرڻ جا سنگي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڊيپلو: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رشوت جو بازار گرم، سروي لاءِ 1000 رپيا وصولي جو انڪشاف

ڊيپلو (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) ڊيپلو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس ۾ غريب عورتن کان سروي جي نالي تي 1000 رپيا وٺڻ جو انڪشاف ٿيو آهي متاثر شخص موجب ڪيس فون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

اسلام ڪوٽ: جهانگرو ٿاڻي جي حد ۾ لنجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار، عورتن تي قاتلاڻي حملي جو الزام

سيروڙو ۽ ڳوٺ ٻيڙا جي لنجا برادري سان تعلق رکندڙ ڌرين وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

ڳوٺ ٻيڙا جي رهواسين اسحاق لنجو، عنايت لنجو، جلال لنجو، يوسف لنجو، غفور لنجو ۽ لات لنجو الزام

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) اسلام ڪوٽ: جهانگرو ٿاڻي جي حد ۾ لنجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار، عورتن تي قاتلاڻي حملي جو الزام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

شاهد حسين بروهي ۽ ڀائٽي مير بالاچ خان بروهي کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي ڪين مبارڪون

الله پاڪ کان دعا آهي ته هر مسلمان کي مڪي شريف، مديني شريف، ڪعبت الله شريف جي زيادت عمري توڙي حج جي صورت ۾ نصيب فرمائي (آمين ثم آمين)

ان موقعي تي حاجي خير محمد بروهي ۽ شاهد حسين بروهي پاران سيد شفقت حسين شاه شيرازي جو وٽن بروهي فارم هائوس تي اچڻ تي سندن ٿورو مڃيو

ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي شيرازي ڀائرن سان اسان جا لاڳاپا رڳو سياسي يا سماجي نه پر پراڻي وابستگيءَ تي ٻڌل آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) اڳوٽي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاه شيرازي پاران ٺٽي لڳ بروهي فارم هائوس تي پهچي عمري جي سعادت ماڻيندڙ بروهي برادري جي معزز اڳوٽي تعلقي نائب ناظم انجنيئر حاجي خير محمد بروهي جي فرزن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

پوري ملڪ جيان ضلعي سکر ۾ به 27 آڪٽوبر تي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار

والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي قبضي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف ۽ ڪشميرين جي حقِ خودارادي جي حمايت ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

سماجي ڪارڪنن، ميڊيا جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ميونسپل اسٽيڊيم سکر کان شروع ٿي

ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون سکر تنوير احمد، اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سکر بشرا منصور ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ)پوري ملڪ جيان ضلعي سکر ۾ به 27 آڪٽوبر تي ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جي اظهار، والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي قبضي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف ۽ ڪشميرين جي ح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

بي بي ماهم عليه السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري بعد ۾ لڙ جي لعل درگاهه سيد سمن سرڪار جي 95 هين عرس مبارڪ جو افتتاح

بدين(رجب راهمون) صوبائي وزير سيد رياض حسين شاه شيرازي جو اگهم ڪوٽ ۾ بي بي ماهم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

اوڏيرولال ۽ پرپاسي ڪٽڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

اوڏيرولال (تعلقه رپورٽر غلام نبي چنو)اوڏيرولال ۽ پرپاسي ڪٽڪ جي اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي مختلف عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جا جواب وقت سر جمع ڪرايا وڃن: شهمير خان ڀٽو

ڪيسن جا جواب دير سان جمع ڪرائڻ سبب عوامي مفادن جي منصوبن ۾ به دير ٿئي ٿي، جنهن سان حڪومت جي ڪارڪردگي متاثر ٿئي ٿي

مختلف عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جا جواب جمع ڪرائڻ لاءِ ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي ليٽيگيشن ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن

پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن ۽ انهن جا صحيح جواب جمع ڪرائڻ بابت لاڳاپيل ادارن کان تفصيل معلوم ڪن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي مختلف عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن جا جواب وقت سر جمع ڪرايا وڃن ته جيئن انهن منصوبن تي وقت سر ڪم شروع ٿي سگهي. ڪيسن جا جواب دير سان جمع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36

خلق جي خدمت آرگنائيزيشن غريبن، بي سهارن ۽ مستحق خاندانن جي مدد لاءِ سرگرم، سرڪاري سهڪار جي ضرورت آهي: روزينا جتوئي

تعليم ۽ صحت بابت آگاهي سيمينار اسان جي فلاحي مشن جو حصو آهن، انسانيت جي خدمت ئي اسان جو مقصد آهي: چيئرپرسن

خلق جي خدمت آرگنائيزيشن دادو جو پيغام آهي ته انسانيت جي خدمت، غريبن جي سهائتا ۽ مستحق ماڻهن جي ڀلائي ئي سندن عزم آهي

خلق جي خدمت آرگنائيزيشن دادو جو پيغام آهي ته انسانيت جي خدمت، غريبن جي سهائتا ۽ مستحق ماڻهن جي ڀلائي ئي سندن عزم آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) خلق جي خدمت آرگنائيزيشن دادو جي چيئرپرسن ميڊم روزينا جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سندن تنظيم غريبن، مسڪينن، بي سهارن، مظلومن ۽ مستحق ماڻهن جي مدد لاءِ هر وقت سرگرم آهي، تنظي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر37

ميرپورخاص: چيڪو جي باغ مان 60 ورهين جي بزرگ جي لاش هٿ، پوليس جي جاچ جاري

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرواهه گورچاڻي جي وارڊ نمبر 8 ۾ ميرواهه ٽائون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر38

دادو ۾ ڪشمير جي يومِ سياهه تي ريلي، ڪشميري عوام سان يڪجهتي ۽ حقِ خودارادي جي حمايت جو اظهار

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڪشمير جي يومِ سياهه جي موقعي تي ضلعي انتظاميا دادو پاران ڊپٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر39

ميرپورخاص پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي CC_III ۽ ڪيش ريوارڊ سان نوازيو ويو

مختلف ڪيسن ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ انچارج سي آءِ اي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي CC_III ۽ ڪيش ريوارڊ سان نوازيو

ايف آءِ آر نمبر 73/2026، قلم 4/8 گٽڪا ايڪٽ تحت داخل ڪيسن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جي اعتراف ۾ ڏنا ويا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدو زئي، اي ايس پي عبدالرب شاه سان گڏ ٿاڻي محمودآباد ۾ داخل مختلف ڪيسن ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ انچارج سي آءِ اي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي CC_III ۽ ڪيش ريوارڊ سان نوازيو ريوارڊ ايف آءِ آر نمبر 71/2026، قلم 353، 324 ۽ 34 پاڪس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر40

بلڙي شاه ڪريم پوليس جي اهم ڪارروائي نوجوان عزيز ڪاتيار جي قتل ڪيس ۾ 4 ڄڻا گرفتار

قتل واري ڪيس ۾ اهم ڪارروائي ڪندي مرڪزي جوابدار سميت چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

شفاف جاچ ذريعي واقعي جا سمورا حقيقتون سامهون آنديون وينديون ۽ قانون موجب انصاف فراهم ڪيو ويندو

بلڙي شاه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاه ڪريم پوليس ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ 23 ورهين جي نوجوان عزيز ڪاتيار جي قتل واري ڪيس ۾ اهم ڪارروائي ڪندي مرڪزي جوابدار سميت چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته گرفت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر41